# ضمير جو موت



قمر شهباز

# ضمير جو موت

قمر شهباز

سنگم پبليڪيشنس
ڪراچي - سنڌ

## ڪتاب نمبر 39

| | |
|---|---|
| ڪتاب: | ضمير جو موت |
| موضوع: | ڪالم ڪهاڻيون |
| ليکڪ: | قمر شهباز |
| چونڊ ۽ ترتيب: | ڪرم الاهي چنا |
| ٽائيٽل: | خدا بخش ابڙو |
| ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: | سليم چنا - ٽيپو گرافڪس |
| گيٽ اپ: | نظام الدين انصاري |
| پبلشر: | سنگم پبليڪيشنس<br>پوسٽ باڪس نمبر 13071 ڪراچي 75350 |
| پرنٽر: | واحد آرٽ پريس |
| ڇاپو پهريون: | آڪٽوبر 1992 |
| قيمت: | 70 /رپيا |

Title: Zameer Jo Maut
Writen by: Qamar Shahbaz
Compiled by: Karam Illahi channa
Published by: M/s SANGAM PUBLICATAIOS
P.O. BOX No - 13071
KARACHI -75350

# ارپنا

سنڌ جي نوجوان، بي خوف ۽ سورهيه
صحافين جي نان،
جن روايتي خوشامدي، لوبي ۽ وڪاميل
صحافت جا جهونا ڪوٽ ڪيرائي،
نئين
صاف سٿري، وطن دوست ۽ سچاڻ صحافت
جو پايو وڌو آهي.

شل سندن محنت، محبت ۽ سچائي
سنڌڙيءَ جي سيني تي
جلندڙ
نفرت جي آڳ اُجهائي سگهي!

**قمر شهباز**
۸ سيپٽمبر ۱۹۹۲ع

# ٻه اکر

سنگم پبليڪيشن جو نئون ڪتاب، ضمير جو موت، برک ڪهاڻيڪار، ڊرامانگار، ڪالم نگار ۽ شاعر محترم قمر شهباز جي لکيل نهايت ئي دلچسپ ٥٠ ڪالم ڪهاڻين تي مشتمل آهي. هن مان اڪثر ڪالم ڪهاڻيون سنڌي‌ءَ جي ڪن مشهور روزانه اخبارن: هلال پاڪستان، جاڳو ۽ عوامي آواز ۾ مختلف وقتن تي مختلف عنوانن تحت ڇپيل آهن.

اميد ته اسان جي هيءَ نمائي پيشڪش قبول پوندي.

ڪرم الاهي چنا
٢٠ سيپٽمبر ١٩٩٢ع

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| 1- | ضمير جو موت | 9 |
| 2- | اياز راشدي | 14 |
| 3- | سو ڏينگر ڏلو م ٿني | 18 |
| 4- | سور مڪانون سوڪڙي | 22 |
| 5- | صاحب، بيبي ۽ غلام | 29 |
| 6- | نيون سرحدون | 35 |
| 7- | تندرست نرس، بيمار ڊاڪٽر | 41 |
| 8- | آدمي ۽ جو انصاف | 47 |
| 9- | بي ادب اديب | 54 |
| 10- | پنج پنهنجا | 59 |
| 11- | لوسڻ جو نڪ | 64 |
| 12- | پيرن جا نشان | 69 |
| 13- | مار بگهڙ ڪي | 71 |
| 14- | قصو چئن فقيرن جو | 77 |
| 15- | پل چڪ | 82 |
| 16- | بلبل، ترڪ ۽ جمهوريت | 88 |
| 17- | اگهاڙا انسان | 93 |
| 18- | نوان خواب | 98 |
| 19- | ستر ڙي ستر | 102 |
| 20- | واٽون ويه ٿيون | 106 |
| 21- | ترڪٽي ڏاڪڻ | 109 |
| 22- | لاٽري | 112 |
| 23- | منهنجو پنهنجو خون | 116 |
| 24- | مردن جو مامرو | 120 |
| 25- | پهريون انعام | 124 |

| | | |
|---|---|---|
| -26 | پاڙي ناهه پروڙ | 127 |
| -27 | دانشوري | 130 |
| -28 | سنڌي طوطا | 133 |
| -29 | ڪالم ڪيئن لکجي | 137 |
| -30 | گاڊ فادر | 140 |
| -31 | ويريون ۽ ويچا | 144 |
| -32 | بجيٽ، بهشت ۽ فني خرابي | 148 |
| -33 | مينهن وساڙا مرڻا ناهن | 152 |
| -34 | جيل جي ڊائري | 157 |
| -35 | خوابن جي ليلي | 160 |
| -36 | اسان ته چريا آهيون | 164 |
| -37 | برسات | 169 |
| -38 | دوزخ کان دوزخ تائين | 173 |
| -39 | انٽرنيشنل وتايو ڪانفرنس | 180 |
| -40 | انساني تجربيگاه | 184 |
| -41 | ڏاڙيل ۽ شاعر | 194 |
| -42 | سسني ۽ سور | 200 |
| -43 | سهڻي | 204 |
| -44 | امڙ، منهنجي ماتا | 208 |
| -45 | روزگار اسڪيم | 212 |
| -46 | طارق اشرف جو لاڏائو | 215 |
| -47 | قصو سگريٽ ڇڏڻ جو | 219 |
| -48 | گولڊ ميڊل | 222 |
| -49 | جي پيارهجي ها پاڇولو | 227 |
| -50 | پر پيار ته ناهي پاڇولو | 234 |

# ضمير جو موت

مون وٽ نوڪريءَ جو هڪ اميدوار آيو. چيائين: سائين ٽي ايم. اي ڪيون اٿم. ايل ايل بي به پاس آهيان. بي ايڊ به ڪئي اٿم. مهرباني ڪري ڪا نوڪري ڏينم. بک۾ٿو مران.

چيم: نوڪريون ڪرنهن. جڏهن ڪا جاءِ خالي ٿيندي ته توکي ٻڌائيندا سين.

چيائين: پوڙهو پيءُ اٿم. معذور ماءُ اٿم. ٻه ڀينر، ٽي ڀائر به اٿم سائين. ڪر به ڪمائڻ وارو ناهي.

چيم: مان مجبور آهيان. مون وٽ جاءِ خالي ناهي.

چيائين: هيترا سارا سال پڙهائي ڪئي اٿم سائين. ابي امان گهر جا ٿپڙ گروي رکي مونکي تعليم ڏياري آهي. خود مون مزدوريون ڪري فيون ڀريون آهن سائين. الله جو واسطو اٿني، مون مسڪين تي رحم ڪر.

چيم: بابا، مونکي توسان همدردي آهي، پر مان لاچار آهيان.

چيائين: سائين پنهنجا سنڌي آهيو. توهان مدد نه ڪندا ته ڪنهن جي در وجي دانهين ٿيون؟

چيم: پر مان ڇا ڪيان؟

چيائين: روزگار سان لڳايو.

چيم: پر بابا نوڪري ڪانهي.

چيائين: ڪلارڪي ڏيو، پٽيوالي ڏيو، چوڪيداري ڏيو. خالي ته نه موٽايو سائين.

چيم: يار مونکي بيو به ڪم ڪرڻو آهي.

چيائين: پر مونکي ته ڪم ئي اهو آهي.

چيم: ته پوءِ ڀلا مٿو ڦاڙيان ڇا؟

چيائين: منهنجو مٿو ڦاڙيو پر نوڪري ڏيو.

چيم: ڏاڍو ضدي ٿو ڏسجين. سمجهين ڇو نٿو؟ ڏس بابا، مان سرڪاري نوڪر آهيان. سرڪار جو حڪم ڏيندي سو ڪرڻ منهنجو فرض آهي. حڪم اهو آهي ته في الحال ڪابه نوڪري ڪنهن کي به ڏيڻي ناهي.

ڇڏيندس. پر هو پنهنجي جاءِ تان چريو ئي ڪو نه.
چپائين: مان سپاڻي ٻيهر اچان؟
چيمر: نه، تون تڪليف نه ڪجانءِ. هفتي ڪن ڪان پوءِ فون تي پڇي وٺجان.
چپائين: مونکي ڪچو ئي ڪري رک سائين. مڙني روزگار سان ته لڳان.
چيمر: ساڳي ڳالهه ورڻي وري نه دهراءِ. هاڻي تون وڃ.
ڪنڌ هيٺ ڪري ڪجهه سوچيائين. پوءِ اکين ۾ پاڻي آڻي مون ڏي ڏٺائين. جڻ چوندو هجي: هڏانءِ ٿو. بچائڻ اٿئي ته هاڻي بچاءِ، ٻيهر شايد موقعو نه ملئي.
چيمر: تون وڃي آرام ڪر، خدا مڙئي چڱي ڪندو.
چپائين: آرام؟ آرام ته سائين ان ڏينهن ڪسجي ويو، جنهن ڏينهن پهرين دڪري وٺي گهر آيو هوس. غريب تي دڪري به بار آهي سائين.

مان فائيل ڪڍي پنهنجي ڪم ۾ مشغول ٿي ويس. هو بيٺو مونکي تڪيندو رهيو. ڪجهه دير ڪان پوءِ هوريان هوريان ويجهو اچي، ٻئي هٿ منهنجي پيرن تي رکيائين، منهنجا هٿ چميائين ۽ پوءِ اکيون اگهندو ٻاهر نڪري ويو.
مون فائيل پاسيرو رکي پنهنجو منهن هٿن ۾ ڏئي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. اجوڪي ڏينهن تي اهو پهريون ماڻهو نه هئو جو اکيون اگهندو مون وٽان موٽي ويو هو. هن ڪان اڳ ٻه نوجوان ٻيا به هوبهو اهڙيءَ طرح آيا ۽ نيڪ اهڙي طرح روانا ٿي ويا هئا. اهو روز جو معمول هو. هر روز هو ايندا هئا، روئندا هئا، ٻاڏائيندا هئا. ايلاز ۽ منٿون ڪندا هئا. ڪي ڪي ته جذبات ۾ اچي ڳتا لفظ به چئي وجهندا هئا. ۽ پوءِ ڪنڌ جهڪائي هليا ويندا هئا، اها ڪانئين ڳالهه نه هئي.
هو هليا ته ويندا هئا. پر منهنجي دل ۾ هلچل مچائي ويندا هئا. منهنجي سموري وجود کي لوڏي هليا ويندا هئا. کين ڪهڙي خبر ته جنهن شخص کي هو بي حس، پٿر دل ۽ سرڪاري مشين جو هڪ پرزو تصور ڪندا هئا، سو سندن وڃڻ ڪان پوءِ هنن جي لاءِ ڪيترو نه پريشان ٿي ويندو آهي. خاص طور ان ماحول ۾ جتي ڌرتيءَ جا اصل وارث ته پٽيوالپيءَ لاءِ ليلڙا ٿيون پائيندا وتن ۽ ڌاريا وڏين وڏين آسامين تي ڪارپيهر جيان ڦٽن

ڪڍي ويندا هجن. مون هميشه بي آءِ اي، ريلوي، ڪسٽمس ۽ نيم سرڪاري ادارن ۾ پاڻ کي اجنبي محسوس ڪيو آهي. ڪامورا واڳڙا ۽ واڇ هوندا، ڪنب جيان ڪٽل، ڪاڏل ۽ ڪوڪا هوندا، پر سندن ني پنهنجا هوندا. اسان جي پڙهيل ڳڙهيل نوجوانن جي نصيب ۾ اهائي دربدري، بيروزگاري ۽ بکه.

مان اڃان تائين سوچ ۾ ڪم هوس جو فون جي گهنٽي وڳي.
چيير: جيءُ.
پي اي چيو: وزير صاحب ڳالهائيندو.
ٿوري دير ۾ وزير صاحب لائين تي هو.
چيائين: ڪر خبر، نوڪريون ڪيتريون ڏني سگهندين؟
چيير: هڪ به نه.
چيائين: اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي. جڳهون پيدا ڪر.
چيير: جو حڪم. اوهان جي اختيار ۾ آهي. باقي مون وٽ هڪ به جڳهه ناهي.
چيائين: چيو مانءِ نه ته جڳهون پيدا ڪر. ماڻهو موڪليانءِ ٿو.
چيير: جو حڪم.
چيائين: نالو اٿس طوطو.
پڇيم: طوطو؟
چيائين: ها ها، طوطو. پٽ ڪبڙ خان. مئٽرڪ پاس آهي. مئنيجر جا آرڊر ڪڍي ڏجانس. اسان جو خاص ماڻهو آهي.
چيير: سائين مئٽرڪ پاس مئنيجر ڪيئن ٿيندو؟
چيائين: توکي بحث ڪرڻ جي ڏاڍي خراب عادت آهي.
چيير: نه سائين. مان ته حڪم جو غلام آهيان پر قانون.
چيائين: ڇا جو قانون؟ ڪهڙو قانون؟ ڪنهن جو قانون؟ ڊيگهه ڇڏ. آرڊر ڪڍ.
فون بند ٿي ويو.

مان چپ ڪري ويهي رهيس.
مونکي لڙڪن ۾ ٻڏل اهي اکيون ياد آيون، جي چئي رهيون هيون: ٻڏانءِ

ٿو. بچائڻو اٿئي ته بچاءِ. ٻيهر موقعو نه ملندئي.
سوچيم: مان ته پاڻ ٻڏي رهيو آهيان پاڻ. مان توکي ڇا بچائي سگھندس؟

۽ پوءِ ٿوري ئي دير ۾، مون طوطي ولد ڪبڙو خان جي آرڊر تي صحيح ڪئي. انهن ئي هٿن سان، جن ڪي ٿوري دير اڳ ان نوجوان چميو هو، جنهن تي ايه اي ڪيا هئا ۽ جنهن جو آرام ان ڏينهن ئي ڪسجي ويو هو جنهن ڏينهن ٻهرين ڊگري وٺي گھر آيو هو!

سمونڊ، هيڙين، مهاڻا، رڇ، ڪنڌين، چانڊوڪيءَ ۾ چڙهندڙ وير،
طوفان ۾ ميڙيل پاڻي.
چڙڪنڊي، مڪلي، نگر ٺٽو، منڇر، ڪينجهر، عمر ڪوٽ ۽ ابراهيم حيدري.
موتيو، چنبيلي، مگرو، لال، ليار، پسي، سگريون ۽ ليسوڙا.
شهر، واهڻ، جهنگ، جبل، پاڻي، پکي، جانور ۽ پسون.

اهو سڀڪجهه ۽ ان کان به گهڻو ڪجهه اياز پنهنجي فن جو موضوع بڻايو آهي. هو هر هنڌ ويو آهي، اتان جي رهڻي ڪهڻي، ڪپڙو لٽو، رسمون رواج ڏٺا اٿائين. خوشيون، غم، ميلا ملاکڙا پسيا اٿائين، فلم تي اتاريا اٿائين. اهڙيءَ طرح جو هن جي هر تصوير تي وائيءَ، دوهي يا گيت جو گمان ٿو ٿئي. هو شاعر آهي، رنگن جو، پاڇن جو، روشنين جو. عڪاس آهي انساني جذبن جو، رد عمل جو ۽ تحرڪ جو. ٻارن جي ٽهڪن، جوانن جي مرڪن ۽ ڪراڙن جي گهنجن مان ڦٽندڙ هزارها افسانن کي هڪ پل ۾ جهٽي وٺڻ وارو اياز راشدي، ان راشدي خاندان سان تعلق ٿو رکي جنهن پير حسام الدين ۽ حسين شاه راشديءَ جهڙا سياڻا ۽ سيبتا انسان سنڌ کي آڇيا. پاڻ پير حسام الدين راشدي مرحوم جو ننڍو ڀاءُ آهي. اسلام آباد ۾ اڄڪلهه NAFDEC جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر آهي. فن سان لڳاءُ ورثي ۾ مليو اٿس، پر محنت ۽ پورهيو سمورو پاڻ اڪيلي سر ڪيو اٿائين. نه ڪنهن کان سکيائين، نه ڪو اسڪول، ڪاليج يا ٽريننگ ڪورس مڪمل ڪري سرٽيفڪيٽ يا سند ورتائين. شاگرد به پاڻ، ته استاد به پاڻ. تجربا ڪندو، غلطين مان سبق حاصل ڪندو اچي ان منزل تي پهتو آهي جو پنهنجي وطن ۾ ته نالو ڪڍيو ٿي اٿائين، پرڏيهه ۾ به سنڌس فن جي ڌاڪ ڄمندي پئي وڃي.

اياز پنهنجي فوٽوگرافيءَ جون ڪئي نمائشون (Solo exhibitions) پاڪستان جي مکيه شهرن ۾ منعقد ڪرايون آهن ۽ ان سان گڏ ڪيترن ئي مقابلن ۾ حصو ورتو آهي ۽ انعام حاصل ڪيا آهن. ملڪ کان ٻاهر به هن ڇاپيٽين ۾ حصو ورتو آهي ۽ اتي به چڱو نالو ڪڍيو اٿائين. ڳالهه اتي ختم نٿي ٿئي، اياز جي ڪري سنڌ ۽ سنڌواسين کي دنيا ۾ تعارف ۽ تعريف (Projection) ملي ٿي، جو ته سنڌس مکيه ۽ دلپسند موضوع به

سنڌي ماڻهو، سنڌن هنر ۽ ريتون رسمون آهن. سنڌ ته سڄي آهي ئي رنگ ۽ سٽاءُ (Colour and pattern). صدين کان اسان جي مزاج ۾ طرح طرح جا انڌلٺي رنگ سمايل آهن. رلي، سوسي، گربي، کيس، ڪاشي، ته گلي جتي، ٽوپي، مشڪا، ڳانا، مطلب ته هن ڌرتيءَ جي هر هنر ۾ جيستائين خوبصورتي ۽ پختگيءَ جو احساس نه ايندو، جيستائين ان ۾ رنگن جو وڻندڙ ميلاپ نه ٿيندو. ساڳيءَ طرح ڊزائن ۽ گلڪاري پڻ سنڌ جي هنرن ۾ اهم جڳهه والاري ٿي. اهوئي سبب آهي جو هن سرزمين جو فنڪار، پوءِ اهو ڪٿي شاعر هجي، راڳي هجي، مصور هجي يا اداڪار هجي، جيسين رنگ ۽ توازن کان آگاهي حاصل نٿو ڪري وٺي، تيسين سندس فن نکري نٿو سگهي.

فوٽوگرافي تمام مهانگو شوق آهي. ڪئميرا، فلم، ڪاغذ ۽ مسالا هونءَ ئي مهانگا، مٿان وري هر روز بدلجندڙ ٽيڪنالاجي ۽ وڌندڙ قيمتون. هڪ هڪ فوٽو سوين، بلڪ هزارين روپيه کايو وڃي. ان کان پوءِ فوٽو گرافر جي ئي چين طبيعت ڪيس هڪ هنڌ ته اصل وهڻ نه ڏئي. موضوع جي تلاش ۾ ڪڏهن ٿر ته ڪڏهن بر، ڪڏهن ٿائلينڊ ته ڪڏهن آئيسلينڊ. مطلب ته سدائين سفر ۾. لينس (Lense) طرح طرح جا ۽ اڪيچار. ڏهه ٻارنهن هزار روپيه هڪ جي لاءِ ته ڪا ڳالهه ئي ڪانهي. برابر، اهي سڀ شوق ڪو سرنديءَ وارو ئي ڪري سگهندو، پر عشق آڏو ڪا اڏ ڏڪ ئي ڪونه جهلي! اياز پنهنجي سموري ميڙي چونڊي، اپت ۽ آمدني پنهنجي جنون جي جهوليءَ ۾ وجهيو ڇڏي. هونءَ به سندس دلچسپيون تمام گهڻ آهن. ٿورو ڳالهائيندو آهي ۽ ان کان به گهٽ درجي ڪنهن سان تعلق رکندو آهي.

فوٽوگرافيءَ کان اڳ قيمتي ۽ نصف قيمتي پٿرن ڪَڏ ڪرڻ جو شوق هوندو هوس. ان کان پوءِ موسيقيءَ جو جنون ٿيس. انهن ٻنهي فنن ۾ چڱو پاڻ موکيائين. هزارها پٿر ۽ ميوزڪ جون ڪيسٽون جمع ڪيائين. پر پوءِ ٿري گهري فوٽو گرافيءَ تي لهي آيو. اها اسان جي خوشقسمتي چئبي جو اياز راشدي ملڪ توڙي دنيا جي وڏن فوٽوگرافرن مان هڪ تسليم ڪيو وڃي ٿو.

سندس اهميت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته هن ڪي ٻي آءِ اي پاران، سندس رسالي "همسفر" لاءِ وقت بوقت پاڪستان جي ثقافت کي

ٻاڙي ۽ بزدلن جيان گهر جا ڪڪڙ ته نه ماريو.
مسڪين، نڌڻڪن ۽ مظلوم ماروئڙن کي ٻنهي پڙن ۾ ته نه پيهو.
توهان کي ڏاڏيل جي ڪارچا ڪمهت آهي، جو ٻي غيرتيءَ جو لعنتائو ٻه پنهنجي مٿان ٿا کڻو؟
مڙس ٿيو. مهل اها اٿو. سپائي هٿ هٿندڙ.
لاکو موٽايو ته لک ڪتيو، نه ته چنيسر جي پڳ مان چنبڙ. دودو دلير توهان کي ڏينهن قيام ٻه بخش نه ڪندو.

اڏيو جو اوڏن، سو ڏينگر ڏلو م ٿئي،
جنهن ۾ ويهي ڪن، ليکو لاکي جام سين.
(شاهه)

خالده منهنجي پهرين محبت هئي. مان ڪيس اڄ به اوترو ئي چاهيندو آهيان جيترو ٽيهه سال اڳ ڪاليج ۾ چاهيندو هومانس. وچولي گهر جي ڇوڪري هئي، مان هوس غريب. هن جي معيار تي پورو لهي نه سگهيس. ان ڪري مونکي ڇڏي ڏنائين. هڪ پخال جيڏي پيٽ واري پناهگير دوڪاندار سان شادي ڪري ڇڏيائين. ڪڏهن ڪڏهن رستي ويندي ملاقات ٿي ويندي آهي اڄ جيان، ته گذريل يادون موتي ايندیون آهن ساوڻ جي ڦوهار جيان.

ٽرئفڪ هاڻي باقاعدي جاري ٿي چڪي هئي.
مون گاڏيءَ کي گيئر ۾ وڌو ۽ هار سينگار ڪيل جوانڙين جي گاڏيءَ کان اڳتي نڪري ويس. آئيني مان پٺتي ڏٺم، هو هني ٿهڪ ڏئي کلي رهيون هيون. سندن پويان خالده جي گاڏي هئي. هوءَ سنجيده ۽ مانيٺي، پوري توجه سان ٽرئفڪ جي جهنگل مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. پوڻا چار ٿي چڪا هئا. صرف پندرهن منٽ باقي ۽ پوءِ ڏکهي، اڻ رٺنڊڙ رات.

منهنجي پٽ جي سالگره اڄ اسان صرف ٽي ڄڻا ملهائينداسين. مان، هوءَ ۽ هو. نه عزيز رشتيدار اچي سگهندا ۽ نه وري سندس هم عمر دوست. اٺ موم بتيون ڪيڪ تي ٻاريون. ڦوڪ سان موم بتيون گل. تاڙيون. ڪيڪ ڪٽبو ۽ پوءِ ڪجهه تحفا ۽ بي انتها پيار. ٻاهر خاموش سنسان رستا. رکي رکي سائرن جو آواز. سيٽيون ۽ پوءِ چپ چاپ.
خالده ڇا ڪندي هوندي ان ڏکهيءَ رات ۾؟ سرچيم.
پخال جهڙي پناهگير سان پيار جون ڳالهيون! سچ پچو پيار، يا صرف خوبصورت هوندا اڪارد، ڪارو چشمو، ڪارا گلوز ۽ سونو لاڪيٽ بچائڻ خاطر وقتي قرباني؟
اڳتي مان سوچي نه سگهيس. اڳتي اها جسماني سرحد شروع ٿئي ٿي جنهن تائين پهچڻ لاءِ ڪاليج جي هر ڇوڪري پوري قوت سان زور لڳايو هو پر ناڪام ويو هو. خالده پهاڙ جيان اوچي ۽ اڏول رهي هئي.

مونکي ياد آيو، هوءَ پهرئين ڏينهن ملي هئم ته جسم تي اجرڪ ويڙهيل هئس.

هو اڪثي وڌڻ لڳو. مونڪان رهيو نہ ٿيو. چيومانس: پريا مڙس ، ضد ٿو ڪرين تہ پوءِ ڀلي وڃ. پر هڪڙو ڪم ڪر: اها ٽوپي ۽ اجرڪ تہ لاهي ڇڏ. جهٽ سڃاڻجي پوندين.
هن جي اکين ۾ ايترو تہ درد اوتجي آيو جو مان ڪن پل لرزي اٿيس. ڇڪريل آواز ۾ چيائين: سڃاڻپ کان سواءِ جي ڇا ڪندس پٽ؟ عزت بنا زندگي ڪهڙي؟

۽ پوءِ هو هليو ويو.

ٺيڪ ان وقت ڪرفيو جو سائرن سڏڪڻ لڳو ۽ تڏهن اوچتو مونکي خالده جو غم سمجهہ ۾ اچي ويو.

هيرن جو هار ٻہ لاهي ويو. اونوا!
ڪجهه سوچ ويچار ڪان پوءِ ٻنهي معزز خواتين اها صلاح ٻيهاري تہ غريب، اڻ پڙهيل، ڏتڙيل گهرياڻين عورتن جي فلاح ۽ بهبوديءَ لاءِ ڪا انجمن ٺاهجي، جنهن ذريعي سندن اخلاقي ۽ مالي مدد ڪري، ڪين پنهنجي پيرن تي بيهڻ جهڙو ڪري سگهجي.
صاحب مون واري جي زال خوش ٿيندي چيو: WHAT AN IDEA
ڪمشنر صاحب جي گهر واريءَ ورائيو: اسان سان هونديون تہ اهي موجون ڪنديون.
جهٽ پٽ WOMEN'S WORLD (عورتن جي دنيا) نالي جماعت ٺهي وئي.
ڪمشنر صاحب جي گهر واري ٿي صدر ۽ صاحب مون واري جي زال ٿي سيڪريٽري. باقي عهدا ورهائجي ويا مختلف ڪامورن ڪڙن جي بيگمن ۾.

هڪ ورڪنگ ڪميٽي بہ ٺاهي وئي، جنهن جون عهديدار ٿيون ٺيڪيدارن ۽ وڏن واپارين جون زالون. سندن مکيہ ڪم هو ميٽنگون سڏائڻ، عورتون ميڙڻ ۽ اهڙين گڏجاڻين ۾ ٿيندڙ ڏنر جا بل ڀرڻ.

چند ئي ڏينهن ۾ "عورتن جي دنيا" جو پهريون فنڪشن هڪ فائيو اسٽار هوٽل ۾ ڪيو ويو. ٿر جي ڏڪايل ڏڪارين جي امداد لاءِ ڪرايل شو ۾ شو گهٽ، شا وڌيڪ هو. بيگمات پنهنجن هيرن جواهرن جي دل کولي نمائش ڪئي. اڻ هڪ رات ۾ ميڪ اپ جا مڻ ڪتا هوندا، نوان وڳا هزارن جي تعداد ۾ سبايا ويا هوندا، زري گوٽي جا ڍير استعمال ٿيا هوندا. تڏهن وڃي ويچارن ٿرين جي سهائتا جو هيءُ رنگارنگ پروگرام اسٽيج تائين پهتو.

صاحب مون واري جي زال هڪ لکرايل تقرير وڏي عذاب سان پڙهي پوري ڪئي تہ خبر پيس تہ اها تقرير نہ هئي. ڪمشنر صاحب جي بيگم جي پاءُ جو آخري خط هو، جو هو وڃڻ وقت سندس پرس ۾ رکي ويو هو.

ڪمشنر صاحب جي بيگم تقرير گهٽ، اعضا جي شاعري وڌيڪ ڪئي.

جي رال وٽ موٽي آئي. پنهنجي بند مٺ ڏانهس وڌائي هٿ کوليائين ته سڌس تري، تي رکيل هيري جي وڏي منڊي چمڪي اٿي، جنهن جي چوڌاري خوبصورت روبين جڙيل هيون.

صاحب مون واري جي ڏال واڙي ٿي وئي. پڇيائين: اها ڪٿان آندئي؟

غريب ٿري عورت چيو: اوهان جي آهي مير صاحب، جهڳڙي ۾ ڪري پئي هئي. پنهنجي امانت سنڀاليو.

ائين چئي، منڊي بيگم صاحبه جي هٿ ۾ ڏئي هوءَ پنهنجين ٻين ساٿياڻين سان گڏ ٻاهر هلي وئي.

اهو سڀ ڪجهه مونکي صاحب مون واري جي ڊرائيور گدوءَ ٻڌايو آهي.

# نيون سرحدون

سڄو ڏينهن خونريزي ٿيندي رهي. گوليون وسنديون رهيون. لاش جلندا رهيا. انساني جسم جا ٽڪرا اڏامندا رهيا. رڙيون، واڪا، چيخون، آهون، دانهون فضا ۾ گونجنديون رهيون. اڇا، ڳاڙها، گلابي جهنڊا ڦڙڪندا رهيا. خنجر چمڪندا رهيا. عورتون، ٻار، ٻڍا پنهنجي زندگيءَ جي خيرات پنڻ لاءِ پنهنجي خلقشهار جي بارگاه ۾ سجدا ڪري ٻاڏائيندا رهيا. آزادي، جمهوريت ۽ انسانيت پنهنجو ننگو جسم ڇپائڻ لاءِ گهٽي گهٽي، گهر گهر، ڪنڊ ڪنڊ ۾ لڪندي رهي، ڀڄندي رهي، ڇپندي رهي. هلاڪو، چنگيز ۽ راوڻ جا ساٿاري انسانن جون جهون ڪپيندا رهيا، سندن جسمن ۾ سوراخ ڪري تيزاب اوتيندا رهيا، تپندڙ خنجرن سان پنهنجي جيت جا نعرا لکندا رهيا.

اهو ڏينهن ڪهرام جو ڏينهن هو. حشر جو ڏينهن هو. ڪربلا جو ڏينهن هو. اهو ڏينهن شرافت ۽ انسانيت جي منهن تي دانگي ملي هليو ويو. امن، محبت ۽ ڀائيچاري جي بدن تي اوڍيل چادر کي هڪ ئي سٽ سان ڇڪي لاهي هليو ويو. مذهب، رواداري ۽ مروت جو منهن چيڙائي هليو ويو.

اهو ڏينهن- اهو نه ڪٽندڙ ڏينهن، جڏهن آخر ٿڪجي، هارجي، زخمن کان چور ٿي، اجهامي، اڏامي، وهامي ويو، تڏهن ان کان به وڌيڪ اذيتناڪ رات ڪر موڙي ٿي.

خوني ڪلاشنڪوفن جا منهن ٻيهر آگ وسائڻ لڳا.

ٽي-ٽي، ماؤزر ۽ ٿشر انساني جسمن کي پرڻ وانگر ٽڪڻ لڳا.

ڪات، ڪهاڙا، نيزا، ڀالا، ٻيوس لڱن کي ڪٽي، وڍي، ڪتر ڪرڻ لڳا.

باهه ڀڙڪي اٿي.

گهٽين ۾، گهرن ۾، انساني اندرن ۾. باهه ڀڙڪي اٿي.

شرم، عزت، غيرت ۽ حياجي ايوانن ۾، باهه ڀڙڪي اٿي.

تڏهن ان ويل، جڏهن مان پنهنجن ٻچن سان گڏ هڪ ڪنڊ ۾ لڪيو ڇپيو، ان ڏٺي خدا کي سندس ئي خلقيل، ڏٺل وائٺل مخلوق جو مرثيو ٻڌائي رهيو هوس، تڏهن اوچتو منهنجي در کي زور سان ڪنهن جي لت لڳي.

حد ٿيندي آهي.
ساڳي ئي انداز ۾ وراڻيائين: مون پنهنجون حدون تنين سر جوڙيون آهن بابا.
چيم: قانون، انصاف ۽ اخلاق جي نظرن ۾ تون ڏوهاري آهين.
تڙپي چيائين: قانون، انصاف ۽ اخلاق هن درندي کي ڏوهاري ڇو نه ٿا ٺهرائين؟ هن جي هٿ ۾ بندوق ڏني قانون، انصاف ۽ اخلاق اسان کان جان مال، عزت عصمت ۽ غيرت ته کسي سگهن ٿا، بچاءَ ۾ گولي هلائڻ جو حق نه ٿا ڏين. تنهنجي زال، ڌيءُ ۽ پٽ جي قرباني ته وٺي سگهن ٿا، ڪين تحفظ نه ٿا ڏئي سگهن. ڪهڙي ڪم جو اهو قانون، جو زور آور جو زرخريد هجي؟ ڇا ڪندس ان انصاف کي، سماج کي. منهنجي ڳالهه هڏڻي پوندي. سچ کي سچ ۽ ڪوڙ کي ڪوڙ چوڻو پوندو بابا.
مون هڪدم سندس وات تي پنهنجو هٿ زور سان رکي ڇڏيو.
سوچيم: چريو ٿي پيو آهي شايد.
ٻاهر پوليس گاڏين جا سائرن وڄڻ لڳا.
چيو: هن کي ڇڏي ڏي دودا. اڄوڪي رات هن کي جيئڻ ڏي. سپاهي مان کيس کڻي اسپتال ۾ ڇڏي ايندس. مان وعدو ٿو ڪيان. منهنجي ڳالهه مڃ پٽ. اڄوڪي رات- صرف اڄوڪي رات هن کي ڇڏي ڏي.
هن پوري طاقت سان منهنجا هٿ پنهنجي منهن تان ڌڪي پري ڪيا.
هڪ نظر مون ڏانهن نهاريائين ۽ پوءِ بندوق ڪلهي تي لٽڪائي، اجنبي کي ڪالر کان پڪڙي، گهليندو در کا ٻاهر نڪري ويو.
ڪجهه دير تائين زخمي جي ڪنجهڻ جو آواز ايندو رهيو، پوءِ اهو به بند ٿي ويو.
مان خوفزده نظرن سان کيس ڏسندو رهيس.
هو پٿر جي پڪي رستي تي، اڌ مئي اجنبي کي گهليندو چوڪ ڏانهن وڌڻ لڳو، جتي پوليس جا ٽرڪ هئا. ايمبولينس جون گول ڦرندڙ ڳاڙهيون بتيون ميون ۽ جلندڙ گهرن جا دونهان هئا.
مان هن کي ڏسڻ لاءِ دريءَ ڏانهن ڀڳس. پر ان کان اڳ جو مان کيس سڏ ڪري سگهان، هو چوڪ تائين پهچي چڪو هو.
اوچتو پنهنجي گهرواريءَ کي پنهنجي پاسي ۾ بيٺل محسوس ڪيم.
هراسيل آواز ۾ پڇيائين: هي سڀ ڪجهه ڇا ٿي رهيو آهي.
هن ڏانهن ڏسڻ کان سواءِ ئي جواب ڏنم: دودو جوان ٿي ويو آهي!"

ماٺهوءَ جي بوءِ. هڪ نرس لنگهي ته ڏهن ٻارنهن ڊاڪٽرن جو ٽولو سندس پويان ائين لڳو آيو جيئن "پتنگن پيهه ڪيو، مڙيا مٺي مچ." دل کي ڪجهه اطمينان ٿيو.
چيم: اڙي يار، هن ڳُراڙي کي ٻه ڏسندا رهجو.
ڪنهن لفٽ ني ڪرڻ ڪرائي.
هڪ ڊاڪٽر، نرس جي اڳيان جهمر وجهندو رهي. ائين، جيئن شاديءَ ۾ وڏيري جي اڳيان ڪرائو. هيو سندس پاسي ۾ ڌمال هڻندو رهي، ٽيون پٽ تي ڪري ليٽڙيون ٻه پائيندو رهي ۽ موقعو ملڻ تي قلابازيون کائي، جسماني ڪرتب ٻه ڏيکاريندو رهي. مطلب ته جنهن کان جيڪو ڪمال پڄي پڳو، تنهن اهو پئي ڏيکاريو ۽ يڪ آواز ٿي ڪورس ۾ هيءُ ڪلام پئي ڳايو:

ڪينءَ ريجهايان توکي، ڪينءَ پرچايان؟
ڪينءَ پرچايان؟ ڏس ڪوڏانءُ.

زور سان رڙ ڪري چيم: مريض کي ٻه ڪو ڏسندو؟
چيائون: في الحال ته الله ني ڏسندس جو اهو جل جلاله آهي. زندگي ۽ موت سندس ني هٿن ۾ آهي. جڏهن اها نرس ديوٽيءَ تان فارغ ٿيندي ۽ ڊاڪٽر صاحبن جي سر تان عشق جو ڀوت لهندو، تڏهن ڪا شنوائي ملڻي ته نصيبن وارو آهين، ورنه ڪجهه دير ته ويهي آڱر چوپ.
چيم: پر ڪو وڏو ڊاڪٽر ٻه ته هوندو هن اسپتال ۾؟
چيائون: تنهنجي خيال ۾ ڪا وڏي نرس نه هوندي ڇا هن اسپتال ۾؟
ماٺ ڪري ويهي رهيس.
دل ۾ چيم ننڍين نرسن جي لاءِ الله سائينءَ ننڍن ڊاڪٽرن جي دل ۾ ايترو قرب ۽ پيار وڌو آهي جو اسپتال گهٽ، سرڪس وڌيڪ ٿو نظر اچي، ته پوءِ وڏي نرس لاءِ وڏي ڊاڪٽر جي اُڪير ته ڏسڻ وٽان هوندي.

ايتري ۾ چئني پاسي شور برپا ٿي ويو: ڊاڪٽر صاحب اچي ويو. ڊاڪٽر صاحب اچي ويو.
ڇا ڏسان ته ٻه چار همراهه اڳيان اڳيان چنڪار ڪندا اچن. پنج اٺ ڄڻا گلن جي ورڪا ۾ رڌل آهن ۽ ڏهه ٻارنهن وري گلاب داني مان گلاب جو پاڻي ڇٽيندا اچن. وچ ۾ وڏو ڊاڪٽر ۽ وڏي نرس هجن. نرس جي لوڏ لڪن

# بي ادب اديب

شاعر جذبات حضرت بلبل بيقرار کي ڏٺي ڏينهن ٿي ويا هئا. نه همراه جو حال نه احوال، نه نياپو نه نڙو، نه خط، نه پٽ، ڪا خبر ني ڪاڻ ته جيئرو به آهي يا منو. هوئنن به اڄڪلهه اجرڪ ۽ ٽوپيءَ واري جو حال ڪرنهي. ڪا مهل نه ڪنهن جهڙي، ڇڙهي ريو ڪنهن "مشتعل نوجوان" يا، "حق پرست" جي ور ته گهڙي ني اها ڪندس. يا ته ڪاتيءَ سان کهندس، يا ڪڍندس گولين مان، يا وري هاري مٽانئس گاسليٽ جو دبو، تيلي ڏئي، بيهي تماشو ڏسندا سندس سڙڻ جو. پهريون ته ڏوهاري جهلبا ڪونه، پر جي قسمت ڀلائي وڌن ۽ پيا پنهنجي غلطي سان پڪڙجي، ته به پنو ناهي. پاڻهي عورتن جو جلوس وڄي ڇڏائي ايندن لاڪپ مان. يا وري نالي ڀل جي بهاني خود ني ٿاڻي وارا ايلاز منٿون، آزيون نيزاريون ڪري، گهر پڄائي ايندس ته ابا هيءُ همراه سوگهو ڪيو ۽ ڪيس پارٽ به ڪري ڇڏيو ته بيهر واردات ڪان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ اسان ڪان ته به ني سو فوٽ پري گهمي.

سو ڳالهه پني هلي شاعر جذبات حضرت بلبل بيقرار جي. گهڻن ڏينهن ڪان سندس خير خيريت معلوم ڪونه ٿي سگهي هئي، ان ڪري سوچيم ته وڃي سندس حال احوال وٺي اچان. اهو سوچي وڃي سندس وٿاڻ تي پهتس. ڇا ڏسان ته يار اسان وارو حليو بدلايو اينن وينو آهي، ڄڻ مخلوق ني ڪنهن ٻيءَ دنيا جي هجي. هڪ هٿ ۾ قلم، ٻئي ۾ ترار، جسم تي زره بڪتر، مٿي تي لوهي ٽوپ، ان منجهان پيشانيءَ تي لڙڪندڙ زنجيرن جي جهالر. ساڄي ڪلهي مان لڙڪندڙ رائيفل. کابي مان ڪلاشنڪوف، چيلهه جي چوڌاري گولين جي پيٽي، ڦونٽين، گوڏن، پنين ۽ ٻانهن تي فولادي بچاءَ واريون ڍالون. سامهون ٽي وي پيو هلي، پاسي ۾ ريڊيو پيو وڃي. قلم سان ڪاغذ ڪارا به ڪندو وڃي، فون تي هدايتون به ڏيندو وڃي. رکي رکي هوائي فائر به پيو ڪري. مان اچي پريشان ٿيس ته يا الاهي، هي ڪهڙي ماجرا آهي؟ يار هو هڪڙو، سو به ڇريو ٿي پيو ڇا؟ ڪاڏي مان بتال ٿيو، ڪل ٽڙي ويس يا ڪا ٻي ويڌن ٿي ويس؟

سياست ڪري. ڪارڪن بنيادي ڪم ڪري.
چيائين: ڪتاب اينن نٿا لکن.
پڇيم: ڪنهن لکيا آهن اهي ڪتاب؟
چيائين: سياستدانن.
پڇيم: ڇا ٿين کهڙجي انهن ڪتابن موجب؟
چيائين: هر ڪم اديب کي ڪرڻو آهي. جينئن دنيا جي سمورن مشهور اديبن ڪيو. اهو ئي سبب آهي جو مون ان ٿيوريءَ تي عمل پڻ شروع ڪري ڏنو آهي. صبح صبح جو هڪ شعر لکيم. هاڻي زوره بڪتر پائي گهٽيءَ ۾ اهو ڪلام ڳائي هڏائيندس. هي ڏس، ڪيسي ۾ پٿر پڻ کنيا اٿم. ڪجهه دوڪانن جا شيشا ڀڃندس. پڪڙجي پيس ته جيل هليو ويندس، بچي ويس ته ٻيو شعر لکندس.

مونکي بلبل بيقرار جون ڳالهيون ڏاڍيون عجيب لڳيون. ڪجهه چوان ني چوان، ان ڪان اڳ هو اٿيو ۽ کيٽ مان هڪ ڪاغذ ڪڍي آيو.
پڇيم: ڇا آهي ان ڪاغذ ۾؟
چيائين: ايندڙ مهيني جو پروگرام آهي. منهنجي پروگرام موجب ايندڙ مهيني سمورا افسانا نگار بندر روڊ تي ٽانڊ جلائيندا، بسين کي ساڙيندا ۽ ٽرانسپورٽ جي هڙتال ڪرائيندا. انهن جي اڳواڻي آغا سليم ڪندو.
پڇيم: آغا سليم ڇو؟
چيائين: لالو پنهان آهي. ٽرانسپورٽرن سان اهو ئي ٻچي سگهندو. ان ڪميٽيءَ ۾ امر جليل، علي بابا، حميد سنڌي، غلام نبي مغل ۽ ٻيا شامل آهن. ٻي ڪميٽي شاعرن جي آهي جنهنجي اڳواڻي شيخ اياز ڪندو ۽ ان ۾ تنوير عباسي، امداد حسيني، شمشيرالحيدري، تاجل بيوس ۽ ٻيا شامل آهن. استاد بخاري ڪجهه ڪجهه بيمار ٿو گذاري، ان ڪري هو مهمان فنڪار طور ڪم ڪندو. ان ڪميٽيءَ جو ڪم هوندو سول نافرماني ڪرڻ، جيل ڀرڻ ۽ بک هڙتال ڪرڻ. ٽين ڪميٽي ڊرامانگارن جي آهي. ان جي مهنداري عبدالقادر جوڻيجو ڪندو ۽ ان ۾ نورالهدي شاهه، شوڪت شورو، منظور قريشي ۽ ٻيا شامل هوندا. انهن جو ڪم ناٽڪي ڪم ڪري ڏيکارڻ آهي. مثلاً گرفتارين جي اطلاع ملڻ تي ڇانهر ڪري بيهوش ٿي وڃڻ، هارٽ اٽيڪ جي ايڪٽنگ ڪرڻ، روئي روئي بيحال ٿي وڃڻ، ماڻهن جي همدردي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪپڙا ڦاڙي، پار ڪڍي،

چوڪن تي اوچنگارون ڏني روئڻ وغيره.
چيمر: ماشاءالله هوم ورڪ تہ خوب ڪيو اٿئي.
چيائين: اجا ڪٿي ڳالهہ آهي؟ مون تہ صحافين، محققن، دانشورن لاءِ بہ پروگرام جوڙي ڇڏيا آهن. في الحال هڪ جهلڪ ڏيکاري ٿو ڇڏيانءِ.
اينن چني هو مونکي ٻني ڪمري ۾ وٺي ويو، جتي هڪ بي حد خوبصورت ڪرسي، ململ جي ڪپڙي سان ڍڪي هئي.
پڇيمر: هي ڇا آهي؟
چيائين: ڪرسي آهي. جڏهن اسان اديبن جي هلچل ڪامياب ٿي ويندي ۽ ڪاميابي اسان جا قدم چمندي، تڏهن اسان هيءَ ڪرسي پنهنجي سياستدانن جي خدمت ۾ پيش ڪنداسين ۽ پوءِ ڪين وڏي شان مان سان ڪرسيءَ تي ويهاري، سندن قدمن ۾ ويهي، سندن شان ۾ قصيدا لکنداسين.
چيمر: ڪرسيءَ ملڻ کانپوءِ سياستدانن جو ڪم ڇا هوندو بلبل ڀاءُ؟
چيائين: حڪم هلائڻ، پلاٽ ۽ پرمٽون جاري ڪرڻ وغيره وغيره. ۽ ها، اهو نہ وسارجانءِ تہ تو جهڙن نڪمن، لالچي ۽ ڀاڄوڪڙ اديبن جو پچاڻو پڻ اهي ئي ڪندا.

مان بلبل بيقرار جون اهي ڳالهيون ٻڌي ڏڪي ويس. ڊوڙ پاڻي سندس لوهي توپ ڪٿي ٻاڻ پاڻي ڇڏيو. هڪ هٿ ۾ قلم ۽ ٻئي ۾ ڀاڄي ڪپڻ واري ڇري ڪٿي کهٽيءَ ۾ نڪري پيس.

# پنج پنهنجا

چار سنڌي هڪ دعوت ۾ آيل هئا ۽ ڪمري جي ڪنڊ ۾ ڪرسين تي تقريبن ليٽيا، زندگيءَ جي وٿندڙ مشغلن مان هڪ ٻن سان دل بهلائي رهيا هئا.

هڪ، جيڪو ٻاڏي جهڙو ٿلهو هو ۽ پخال جهڙي چمڙي جو جيڪيٽ پاتو هئائين، سو ڪو اعلي عملدار ٿي ڏٺو. ڪيس سونو ڏند ٻن پيل هو، جنهن جي نمائش ڪرڻ لاءِ هن هر هر ڏند ٽيڙي ڳالهه ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي.

ٻيو، سلوار قميص پاتل وڏيرو هو. بوسڪيءَ جي جوڙي تي سيم جي جتي پاتي هئائين ۽ ٻن آڱرين ۾ پاتل هيرن جون جرڪندڙ منڊيون ڏيکارڻ ڪاڻ، زبان کان وڌيڪ هٿن کان ڪم ٿي ورتائين. شڪل صورت مان لوڪڙ ٿي لڳو.

ٽيون سياستدان هو. وڏي مڇ، وڏو پٽڪو، وڏي پانچي واري وڏي سلوار، ڳلي ۾ سوني زنجير، ٻانهن جي ڪرائيءَ ۾ سوني پونچي، گهگهو آواز، ڪل تي زور. هڪ هڪ ٺهڪ سلوموشن ۾ ٻه ٻه منٽ گهليو هلي.

چوٿون تعليمي ماهر. سوٽ، بوٽ ۽ ٽاءِ تائين نفاست سان ڪپڙا پهريل. ڳالهائڻ مهل تحمل ۽ بردباريءَ جو بهترين مظاهرو، گلاس مان سرڪ پيڻ وقت تهذيب جا سڀئي اصول سامهون ۽ ميزبان خاتون جي جسم کي لالچي نگاهن سان ڏسڻ وقت اخلاق جي سمورين حدن جو تحفظ. هن جي شڪل نورنيڙي جهڙي هئي ۽ هو هر هر زبان مچڪائي هيڏانهن هوڏانهن نهاري رهيو هو.

لوڪڙ وڏيري ڪاڇو ڪائيندي پڇيو: ٻڌو اٿئون ته سرڪار ڪارخانا واپس پئي ڪري.

پخال جهڙي عملدار وراڻيو: واپس ڪري يا نه ڪري، تنهن سان تنهنجو ڇا؟ تو وارو ڪارخانو ته اڳ ۾ پرائيويٽ سيڪٽر ۾ هو، ۽ آئنده به رهندو.

تعليمي نورينڙي زبان مچڪائيندي پڇيو: وڏيري جو به ڪو ڪارخانو آهي ڇا؟ مون ته اڳ ڪڏهن به اهڙي ڳالهه ڪونه ٻڌي.

مڇ سياستدان پنهنجو سلوموشن وارو ٺهڪ ورجائيندي چيو: هيرامنڊيءَ

ڏيو وارو سنڌ؟
جواب مليس: مس چوي ٿي ته ڪو انقلابي سنڌي اديب آهي، وڏو دولتمند آهي.
سڀني جي منهن تي ڪڃنج پنجي ٿا وڃن.
ڪجهه دير خاموشي.
مڇ وڏيءَ ڇيت سان گلاس خالي ڪري ٿو ۽ پوءِ گنل رڪارڊ تي پنهنجو ڏکو ٺهڪ وجهاني ٿو.
سڀ ڏانهنس حيرت مان ڏسن ٿا.
مڇ چوي ٿو: چنبو ته پنجون ڦچ شريڪ ڀاڳ ڀر خيرن سان پنهنجوني نڪترو!

# لوسڻ جو نڪ

هاڻي ته اها ڳالهه عالم آشڪار ٿي چڪي آهي ته صاحب مون واري جو ڊرائيور گدو منهنجو پڳ مٽ يار آهي. هن سان منهنجون هٿيڪ دليون آهن. ساڳئي طرح هن جو به مون ۾ ساهه آهي. ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته ڪٿي اهين ته ناهي ته اسان ٻنهي هڪ ٻئي لاءِ پيدا ڪيا ويا آهيون؟ دنيا وارن جي نظرن ۾اسان ٻئي بي وقوف، احمق، ۽ چسا آهيون، پر اسان ڪي وري دنيا وارن ۾ اهي خاميون نظر اينديون آهن. اسان ٻئي مختلف موضوعن تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ گفتگو ڪري دانشورن، اديبن، سياستدانن، ۽ فلاسفرن جا بخيا اڊيڙيندا آهيون، ٺٺول ڪندا آهيون، ۽ دل کولي هنن جي احمقانن روين تي کلندا آهيون. مونکي ذري برابر به تڪليف ٿئي ته گدوءَ جو جيڻ محال ٿي پوندو آهي. چريا ڪريا آهيون، پر هڪ ٻئي جي زبان خوب سمجهندا آهيون.

ڪالهه هڪ عجيب ڳالهه ٿي گذري.
گدو سخت پريشانيءَ جي حالت ۾مون وٽ آيو.
پڇيم: ڇا ڳالهه آهي گدو؟
اداس لهجي ۾چيائين: ڳالهه ئي نه پڇ مٺر ياءُ.
چيم: خدا خير ڪري، ڪا اهڙي تهڙي ڳالهه ته ناهي؟
چيائين : خدا خير ڪري ، بلڪل اهڙي تهڙي ڳالهه آهي.
پڇيم: هاءِ هاءِ! هي ڪهڙا ٿو بد سوڻ زبان مان ڪڍين گدو؟
چيائين: حقيقت بيان ڪري رهيو آهيان مٺر.

ايترو ٻڌڻ کان پوءِ ڀلا وڌيڪ ٻڌڻ جو مون ۾ تاب ڪٿي؟ ڇڪري ڪائي سورچا ٿي ڪرڻ وارو هوس جو اوچتو خيال آيم ته اهو "سورچا" ڇا ٿيندو آهي؟ سوچيم ته في الحال مورچا ٿيڻ جو پروگرام ملتوي ڪجي ٿو. مشهور سنڌي اديب شمشير الحيدريءَ کان مورچا جو مطلب معلوم ڪري، پوءِ مورچا ٿيڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو.
مونکي اينن ٻڌتر ۾ ڏسي گدوءَ پڇيو: ڇا ٿو سوچين مٺر؟
وراڻيم: بس اڻين ئي ذهن ۾ ڪا علمي ۽ ادبي جنگ جاري هئي. تون ان

واءُ مينهن کندا هليا ويا.

مان چپ موني اچي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس، چندر جو آواز اجان به فضا ۾ گونجي رهيو هو:

مالڪ تون درد ڪٽيندين، ڪين ڇڏيندين،
هر هنڌ هر حال ۾ رانول رهبر ٿيندين.

مان اجان به سوچ ۾ گم هوس جو اوچتو خيروءَ اچي ڪلهي تي هٿ رکيم.
چيائين: ڪير هنا؟
وراڻيم: واپاري هنا.
پڇيائين: ڇو آيا هنا؟
چيم: آيا هنا منهنجا شعر خريد ڪرڻ.
چيائين: پوءِ، ڪيئي واپار؟
چيم: نه. پٽ به ڪي وڪڻبا آهن؟ ڪارا هجن، ڪوجها هجن، آهن ته وري به اولاد نه؟
هو چپ ٿي ويو. شايد منهنجي ڳالهه نه سمجهيائين.
ڪجهه ويرم کان پوءِ چيومانس: شعر ٻڌايانءِ خيرو؟
خوشيءَ وچان ڪنڌ ڌوڻي چيائين: ها.
چيم: عرض ڪيو اٿر ته:

مار بگهڙ ڪي، مار بگهڙ ڪي،
اٺ ڙي ڇورا، مار بگهڙ ڪي،
اٺ ندوار، مار بگهڙ ڪي،
اٺ ڙي ڇورا، مار بگهڙ ڪي.

خيرو مونکي حيرت ۽ عقيدت وچان ڏسندو رهجي ويو.
مان اٿيس. سينو ڦرڪي، مڇ مروٽي، زور سان کنگهڪار ڪندو گهر ڏانهن روانو ٿيس.

ٻاني وجي اچي ڪان وٺي اچون، وري ساڳيا لاتون ساڳيا چڪھ. جوتا شراب ۽ ڳانو بجانو ته سنڌي وڏيري جو ڏاج آهي. اهي ڳڻ نه هجن ته وڏيرو ڪير سڏائي؟

ڇچير: پوءِ؟

ڇيانين: اچي جا به ساڳيا حال. جڏهن ڏوڪڙ وٺي ڳوٺ وڃان ته هر دفعي نئين سريت سان ڏسيو اچانس. ڪڏهن لاهور جي ته ڪڏهن گجرات جي. ڏاڙيل به ويو ڏاريندو. هيڏانهن منهنجي پٽ، هوڏانهن اچي جا پنهنجا شوق، چوندا آهن ته ڪاڏي ڪوهه به ڪنير وڃن. زميندارِي ڪهڙي شيءِ آهي؟

ڇچير: هاڻي به ڳوٺان پيو اچين؟

ڇيانين: ها، ڪنگال ٿي ويو هوس، ڇير ته وڃي اچي ڪان ڪجهه پنسا وٺي اچان.

ڇچير: پوءِ مليني ڪجھ ڏوڪڙ؟

ڇيانين: نه. ابو ڳوٺ ۾ ڪونه هو.

ڇير: ڪيڏانهن ويو هو؟

ڇيانين: ٻه واري ڳوٺ ۾ پنج ويو هو!

تڏهن ان وقت ٻاهران چرچول ٻڌڻ ۾ آيو.

رئيس دريءَ مان ٻاهر ڏٺو. سامهون رستي تان پوليس جي گاڏي ڊوڙ اڏائيندي پئي آئي ۽ پنيانس هشام ماڻهن جا نعرا هڻندا، سينو ڪٽيندا روئيندا، رڙندا، ٻاڪاريندا، ڊوڙندا پئي آيا.
رئيس جي منهن جو پنو ئي لهي ويو. ڪيس پنهنجي دل سيني ۾ ٻيهندي محسوس ٿي.
ڪمدار ڪان رڙ نڪري وئي. دانهن ڪري چيائين: يا حسين! قهر ٿي ويو.

ٻني جٺا گهبراهٽ ۾ اڃا اٿيا ئي مس هئا تہ رئيس جو خاص نوڪر نورو سهڪندر اندر آيو. سڏڪندي چيائين: پوتار سائين، بغداد ٿي ويو. پوليس لاشا کڻي آئي آهي.
رئيس منل آواز ۾ چيو: ڪير ڪير آهن نورا؟
نوري ٻني هٿ منهن تي وهائيندي اوڇنگار ڏئي چيو: پوتار سائين، ماسات الهہ رکني جا پٽ آهن. ڪراچيءَ ۾ پڙهندا هئا. ظالمن چرا هڻي ماري وڌن.

ٿوري دير تہ رئيس حيرت وچان سوالي نگاهن سان ڪمدار کي تڪيندو رهيو. پوءِ ٿڌو شوڪارو ڀري صوفي تي ڦاٽ ٿي ڪريو. مرڻينگ آواز ۾ نوري کي چيائين: ڪتي جا ڦرا منهنجو تہ ساهہ ئي سڪائي ڇڏيو هيئي.

جواب: اهو هينءَ تہ ملڪ ۾ جمهوريت ايندي آهي تہ بلبل ڳائيندي آهي. نہ تہ اسان ڳائيندا آهيون.
سوال: عام تاثر اهو آهي تہ شاعر هنهي پاسي ڪمائيندا آهن. جمهوريت هجي نہ هجي، هو هر حال ۾ راضي.
جواب: اهو تاثر درست ناهي تہ اسان هنهي پاسي ڪمائيندا آهيون ۽ نہ وري هر حال ۾ راضي هوندا آهيون.
سوال: ڇون ٿا تہ گذريل دور ۾ اوهان غزل جي بجاءِ نعتون ۽ قصيدا لکڻ شروع ڪيا هئا؟
جواب: ها، لکيا تہ مون سهرا پڻ آهن پر داد وڏيرا وٺي ويا.
سوال: اوهان انقلابي شاعري بہ ڪئي آهي؟
جواب: في پوري ملندي تہ مرثيو بہ لکي ڏيندا سين.
سوال: توهان جمهوريت کي بلبل سڏيو هو. اهو ٻڌايو تہ ڀلا ان مناسبت سان "گل" ڪير آهي؟
جواب: گينڊو.
سوال: مون گل پڇيو هو.
جواب: مون بہ گل ئي ٻڌايو آهي.
سوال: چڱو ڀلا هاڻي اجازت؟
جواب: ايترو جلدي؟ چڱو ڀلا في تہ ڏيندا وڃو پنج سئو روپيہ.
سوال: پنج سئو روپيہ ڇا جا؟
جواب: وقت ڏاڍو قيمتي آهي سائين. ايتري ۾ مان جمهوريت جي شان ۾ هزار ڏيڍ جا قطعا لکي وٺان ها!

## ڊاڪٽر مولا مدد ڊي ڊي ٽي- بي سي

سوال: ڊاڪٽر صاحب اسلام عليڪم.
جواب: وعليڪم اسلام. وات کول.
سوال: جي مان بيمار ناهيان.
جواب: تہ پوءِ هت ڇو آيو آهين؟
سوال: جمهوريت جي سلسلي ۾.
جواب: جمهوريت جو بہ علاج آهي اسان وٽ.
سوال: اوهان غلط سمجهيو، مان دراصل جمهوريت متعلق اوهان جي راءِ

وڃڻ آيو آهيان.
جواب: جمهوريت يا آمريت سان ڪهڙو ٿو فرق پوي؟
سوال: ڪجھ تہ فرق هوندو.
جواب: اسان لاءِ تہ ساڳي ڳالهہ آهي. آمريت ايندي آهي، ان جي خلاف جلسا جلوس ٿيندا آهن. مٿا ڦاٽندا آهن. علاج اسان ئي ڪندا آهيون. جمهوريت ايندي آهي. ان جي خلاف جلسا جلوس ٿيندا آهن. لاٺي چارج ٿيندو آهي. مٿا ڦاٽندا آهن. علاج وري بہ اسان ئي ڪندا آهيون.ڪمائي هڪ جيتري آهي.
سوال: عوام تي جمهوريت جو ڪهڙو اثر پوندو آهي؟
جواب: عجيب سوال آهي. ڀائي پوليس وارو ساڳيو آهي. سندس لٽ ساڳي آهي. عوام جو مٿو ساڳو آهي. ڏک تہ هڪ جيترو ئي لڳندو يا گهٽ وڌ لڳندو؟
سوال: اوهان کي ٻنهي مان ڇا پسند آهي؟
جواب: پوليس.
سوال: نہ. منهنجو مطلب آهي آمريت يا جمهوريت؟
جواب: بهترين آمريت پوءِ جمهوريت. وري آمريت پوءِ جمهوريت. وري آمريت پوءِ جمهوريت.
سوال: ائين ڇو؟
جواب: اسان جو روزگار لڳو رهندو. خير خوبي، امن امان هوندو تہ اسان ڇا کائينداسين؟

## رئيس زور آور خان. حال گريڊ ٢٢- او ايس ڊي.

سوال: رئيس ٢٢ گريڊ جون مبارڪان.
جواب: خير مبارڪان، ڀلي ڪري آيا، جي ڪري آيا. ويهو ويهو.
سوال: ڪجھ پنهنجي متعلق ٻڌايو.
جواب: ڇا ٻڌايان؟
سوال: تعليمي لياقت؟
جواب: اهو نہ پڇو باقي سڀڪجھ پڇو.
سوال: عمر؟
جواب: اهو نہ پڇو، باقي سڀڪجھ پڇو.

سوال: تجربو؟

جواب: اهو نہ پڇو، باقي سڀڪجھ پڇو.

سوال: اهليت؟

جواب: اهو نہ پڇو، باقي سڀڪجھ پڇو.

سوال: باقي ڇا پڇان؟

جواب: سڀڪجھ پڇو.

سوال: جمهوريت متعلق اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟

جواب: سائين ڪا ڳالهہ آهي؟ جمهوريت ٽين ڪڙڪاڻي ڇڏيا آهن.

سوال: ڪنهن جا؟

جواب: انهن ٽرڙن ٽوٽ عملدارن جا هير ڪنهن جا؟ وٺيو ٻہ ٽي ڊگريون، ڪيو ٻہ ٽي امتحانڙا پاس، وتندا هتا الوليون ڪندا. ڪين ڪهڙي خبر تہ اصل ذهن تہ ٻني هنڌ لڪا پيا آهن. هاڻي ڪن خبر تہ گهڻين ويهين سنو آهي؟

سوال: ماشا الله ماشا الله. اوهان تہ ڪافي سڌارا ڪيا هوندا؟

جواب: ها (ڪنگهندي) چونہ؟ (ڪنگهندي) بلڪل بلڪل. سڌارا بہ ڪيا. (ڪنگهندي) في الحال تہ ڪم پيا سکون. (ڪنگهندي) ڪنگهہ ٿي پئي آهي.

سوال: جيستائين ڪم سکي وٺندا، تيستائين توهان جو مدو بہ پورو ٿي ويندو.

جواب. مدو پل تہ پورو ٿئي پر ٽين تہ ڪڙڪي ويا نہ؟

سوال: عوام جا؟

جواب: نہ نہ. انهن ٽرڙن ٽوٽ عملدارڙن جا. (ٿورو ترسي) جگر پلا هاڻي يا علي مدد. منهنجي ٽيوشن جو ٽائيم ٿي ويو آهي.

سوال: ڪنهن کان ٽيوشن وٺندا آهيو توهان؟

جواب: انهن ٽرڙن ٽوٽ..... (سوچي) اخباري نمائندو تہ ناهين؟

ڪن ھٽي نہ ٿا سگھن ۽ عام ذھن سوچي نہ ٿو سگھي. اھڙن اکَّھاڙن جي وچ ۾ مان پاڻ کي ان سڪ وانگر ٿو ڀانيان جو بريف ڪيس ڪوڏن تي رکي، ان مٿان ڪاغذ تي ڪوڙ خط لکي رھيو ھجي ۽ چئي رھيو ھجي: ڪوڙ خط ٿو لکان. گوربچن جي ماڻ کي لکيو اٿم تہ اکَّھاڙا تہ اسان ۾ آھين پر ھي تہ صفا اکَّھاڙا آھن!

خواب ساڳياني آهن.

ٻيهر ماٺ ڇانئجي وئي.
اسان ٻنهي مان ڪنهن به نه ڳالهايو.
ائين لڳو ڄڻ صديون گذري ويون آهن.
تڏهن مان اٿي بيٺس. گدوءَ کي زور سان پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀري. سرهاڻ ۾ چيم: اڄ ڪان پوءِ پنهنجا خواب مختلف هوندا گدو. اڄ کان پوءِ مان ڪنجڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيندس ۽ تون ڪسڻ ڪان باغي ٿي ٻيهجانءِ. اسان پنهنجا لڳ لوهي ڪنداسين ۽ هنن جا ڪات ڪهاڙا ڪُند ٿي ويندا. اڄ ڪان پوءِ اسان جا خواب مختلف هوندا ڳدو. اڄ ڪان پوءِ اسان جا خواب ڀرائتا نه هوندا.

توهان حيران ٿي ڪيس ڏسو ٿا ۽ پڇو ٿا: رمون! هيءَ ڪهڙي بدتميزي آهي؟

رمون نچڻ بند نه ڪري، جهمر جاري رکندي سر ۾ جواب ٿو ڏئي: خوشي آهي منهنجا بابا، خوشي. رات ابو گذاري ويو. اسي سالن جو هو. "اي هوا مان ڇو نه نچان، " الله سائين اهڙيون خوشيون توهان کي به نصيب ڪندو. آمين!

توهان پنهنجي گهر ۾ ويٺا آهيو. اوچتو در تي کڙڪو ٿئي ٿو. توهان ٻاهر نڪري ڏسو ٿا ته ٻاهر توهان جو ڪراڙو صاحب بيٺو آهي. سوزوڪيءَ ۾ مٺائيءَ جا دٻا سٽيا پيا آهن ۽ هو انهن مان هڪ دٻو ڪڍي توهان کي ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو: مبارڪ هجيو مسٽر فلاڻا خان. هيءَ مٺائي قبول ڪيو.

توهان ششدر ٿي پڇو ٿا: سر، هيءَ خوشي ڪهڙي سلسلي ۾ آهي؟
هو چوي ٿو: منهنجي زال رات گذاري وئي. سٽر سال ۽ ڪجهه ڪلاڪ عمر هئس.
توهان پڇو ٿا: بيمار هئي؟
هو سيٽي وڄائيندي چوي ٿو: نه مون ڪيس زهر ڏئي هلائي ڇڏيو. اڃا، هيءَ وٽ آن خوشيءَ ۾ ٻيو دٻو.
توهان پڇو ٿا: ٻي شادي ڪرڻ جو ڪڏهن ارادو آهي سر؟
هو وراڻي ٿو: اها ته رات ئي ڪري ڇڏيم. پوڙهيءَ جي مرڻ کان ٺيڪ ڏيڍ ڪلاڪ پوءِ! (اک هڻندي) پر هن ڀيري زال جوان پرڻيو آهيان!
توهان بيسا ختہ چئو ٿا: پوءِ ته هن ڀيري مٺائي هوءَ ئي ورهائيندي!

# ترڪڻي ڏاڪڻ

جنهن وقت منهنجي ڪراڙي صاحب، پنهنجي جوان زال کان، بورچيخاني ۾ مار پئي کاڌي، ٺيڪ ان وقت سنڌس ڊرائيور گدوءَ، دريءَ ٻاهران ريڊيو تي ڪامينٽري پئي ٻڌي.

پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ زور دار ميچ پئي هلي. پاڪستان کي رانڊ ڪٽڻ لاءِ ويهه رنسون ڪپنديون هيون ۽ بال وچي بچيا هئا ڪل ڏهه. جنهن وقت ڪپيل ديو عمران خان کي بولنگ ڪرڻ لاءِ ڊوڙيو، ان وقت بيگم صاحب پنهنجي ڪراڙي مڙس (يعني منهنجي صاحب) کي مارڻ لاءِ ويلڻ هٿ ۾ کڻي دروازي ڏانهن لوهه پاتي.

هيڏانهن عمران خان بال کي زوردار اسٽروڪ هڻي چار رنز بنايون، هوڏانهن صاحب مون واري جي دون تي ويلڻ جو ٺڪو ٿيو. رانباٽ ڪري صاحب ٻاهر پڳو پر پير ٿڙي ريس، منهن وچي اٽي جي ڪنستر سان لڳس. ڪنستر اونڌو ٿي پيو ۽ صاحب ڀوت بنجي واويلا ڪندو، روئندو، پٽيندو، پيرن جا پلاند ڏيندو، لباڙاٽ ڪندو ڊائننگ ٽيبل هيٺان لڪي ويو.

گدوءَ ريڊيو بند ڪري ڪن دريءَ سان لڳائي مزيد صورتحال معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سڀ بيسود. سوچيائين، شايد صاحب بي هوش ٿي ويو آهي، يا وري گذاري ويو آهي، يا اجا به ٿي سگهي ٿو ته پٽ نبي پچي ويو آهي.

گدو اجا اهوئي سوچي رهيو هو ته اوچتو ويلڻ جو زور دار ٺڪو ٻڌائين ۽ ان سان گڏوگڏ صاحب جو ٻرڙاٽ فضا ۾ بلند ٿيو.

گدوءَ جلدي سان ريڊيو کوليو. عمران خان ڇڪو لڳائي ڇڪو هو. اهڙن موقعن تي ڊرائيورن، نوڪرن چاڪرن ۽ بورچين کي پنهنجن استادن کان هڪ خاص تربيت مليل هوندي آهي ته جڏهن ٻ گهرجي مالڪن کي وڙهندو ڏسو ته هڪدم ڪن لاٽار ڪان ڪم وٺو ۽ ان کان پوءِ نظر بچائي کسڪي وڃو. ڇو ته عين ممڪن آهي ته گهر جا ڀاتي پاڻ ۾ ٺهي وڃن ۽ سمورو نزلو توهان تي ڪري.

گدوءَ پڻ استاد منڙ جو اهو مقولو ياد ڪيو ۽ دريءَ ڪان هٽي پاسو وٺي وڃي باغ ۾ ويهي رهيو. بورچيخاني مان طرح طرح جا آواز ايندا رهيا. وٺ پڪڙ، مار ڌاڙ، پٽ پاراتا گونجندا رهيا، پر گدوءَ پنهنجا ڪن بند رکيا.

ڪجهه دير کانپوءِ جڏهن صاحب مون وارو ٺهي جڙي، سوٽ بوٽ پائي، ٺاهه ٺوه لڳائي، منڊڪائيندو اچي گاڏيءَ ۾ چڙهيو ته گدوءَ کهوري سنڌس نڪ تي لڳل تازي پلستر کي ڏٺو. ڪن جي پاپڙيءَ تي ڇڪ جي نشان کي ڏٺو ۽ ڪنڌ تي ٻڌل پٽيءَ کي ڏٺو.

گاڏي ٻن ٽلوارن کان ڦيرائي ڊفينس ۾ اندر داخل ٿيو. ڪيس رئيس لونگ خان جو بنگلو انئين ياد هو جو اڪين کي پٽي ٻڌي به گاڏي هلائي ته جيڪر بنا ڏسڻ جي وڃي سنڌو گيٽ تي بيهي رهي. صاحب مون واري جي لونگ خان سان پراڻي ياري آهي.

جڏهن کان صاحب مون وارو پروموشن وٺي آيو آهي، تڏهن کان لونگ خان جي بيگهي مڇي وڌي آهي. نه رڳو پاڻ پرمٽون ۽ ٺيڪا پيو ڪٽي، پر هن هن جو به ڪم ڪار ڪرايو ويٺو آهي. صاحب مون واري کي خرچي پاڻي گهر ويٺي ملي ويندو آهي. ڪڏهن ٽئين ڪار، ڪڏهن بيگم صاحبه لاءِ هيرن جو سيٽ، ڪڏهن لنڊن جو چڪر.

رئيس پاڻ به جلالي ماڻهو آهي. ڳوٺ جو چڱو مڙس آهي. وڏو ڳوڻنگ زميندار آهي. ٻه شاديون اڳ ۾ ئي ڪيل هيس، تازي هڪ شادي لاهور جي هڪ فلم ايڪٽريس سان ڪري آيو آهي. وڏو شوقين مڙس آهي. ڌهمان اهڙو جو مجال آهي ڪنهنجي جو سائس نظرون ملائي سگهي. مٿي تي ڪلف وارو وڏو طرو، شهپر وڏا ۽ ڇهنباني، اکيون ڳاڙهيون جهڙيون رت، هند ڙي رئيس تنهنجي لئه!

رئيس لونگ خان جي نوڪرن صاحب مون واري جي گاڏي ايندي ڏٺي ته ڊڪ پائي وڃي گيٽ کوليائون. هين ٽڙ تڪڙ ۾ وڃي رئيس کي خبر ڪئي. گدوءَ گاڏي ڪاهي آڻي بنگلي جي پورچ ۾ بيهاري مس ته رئيس به لڪڻ جي سهاري منڊڪائيندي اچي گاڏيءَ جو در کوليو.

گدوءَ جي حيرت جي حد نه رهي جڏهن ڏٺائين ته رئيس لونگ خان جي ساڄي ٻانهن کي پلستر ٻڌل هو، ٽنگ ضربيل هئي ۽ مٿي تي پٽي ٻڌل هئي.

صاحب مون وارو چنگهندو گاڏي مان لٿو. ٻئي ڀاڪر پائي مليا ته سور کان ڌانهن نڪري وين.

صاحب مون واري پڇيو: رئيس، توکي وري ڇا ٿيو؟

رئيس وراڻيو: ڪهڙو ٿو حال پڇين صاحب. صبح ڏاڪڻ تان ترڪي پيس. تون پنهنجي ڪر خبر؟

صاحب مون واري گدوءَ ڏي ڏٺو. ٿورو ڪنگهيائين ۽ پوءِ چيائين: مان به ڏاڪڻ تان ترڪي پيو آهيان رئيس. ڪينءَ گدو؟

تڏهن گدوءَ کي اوچتو الائي ڇا ٿي ويو.

ڇريانپ جا دورا هن تي اڳ به پوندا رهيا آهن. پر اڄ ته حد ڪري ڇڏيائين. نه کيائين هر نه تم، رڙ ڪري چيائين: ته پوءِ سائين اهڙيون ترڪيون ڏاڪڻيون ڏاريو ڇو ٿا؟

# لاٽري

لاٽريءَ تي بندش پيل آهي، پوءِ به لاٽري هلي پئي. ڪنهن نہ ڪنهن رنگ ۾، ڪنهن نہ ڪنهن ڍنگ ۾، ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾.
منهنجي سٺ سالن جي ڪراڙي صاحب جي ڀاڳن ۾ ويهن سالن جي ننڍي نيڻي، سدا ملوڪ ڙال لاٽريءَ ۾ نڪري آئي. اها جدا ڳالهہ آهي تہ صاحب مون وارو ڪافي مالدار آهي ۽ سندس ننڍي نيڻي سدا ملوڪ ڙال هڪ بي حد غريب ماڇيءَ جي ڌيءَ آهي. انشاءالله ٿوري ئي عرصي ۾ صاحب مون وارو ماڇي ٿي ويندو ۽ سندس گهر واري پنهنجي سٺن ڀائرن سميت لڪا ڇپي ٿي پنهنجي اباڻي ڳوٺ ٽوباٽيڪسنگهہ هلي ويندي. تمت باالخير.

وڏيري ڏگاڻي خان جي پٽ واڳڻ خان جي لاٽريءَ ۾ وزارت نڪري آئي. ٿيو هينئن جو واڳڻ خان پيءَ جي چلم لاءِ ٽانڊو ڪڻڻ پاڙي واري مڪان ۾ ويو ۽ جڏهن موٽيو تہ وزير ٿي موٽيو. هاڻي هو پنهنجو ٽوپي ٽانڊو ٻين کان ڪرائيندو آهي. دراصل سندس والده ماجده سان بہ ساڳيو ئي واقعو ٿيو. ڳوٺ جي ڪڙميائي هئي، وڏيري ڏگاڻي خان جي حويليءَ ۾ ٽانڊو ڪڻڻ ويئي، موٽي تہ بورچياڻي بڻجي چڪي هئي!

منهنجي هڪ فنڪار دوست جي لاٽريءَ ۾ ٢٢ گريڊ نڪتو آهي. منهنجو اهو فنڪار دوست ڳالهين جا ڳوٺ اڏيندو آهي. ڪوڙ کي سچ ۽ سچ کي ڪوڙ ثابت ڪرڻ لاءِ دليل جوڙيندو آهي. وقت سان گڏ هلندو آهي ۽ هر روز ٽئين اپريل سچ کي سلامي ڏيندو آهي. اصول جو چندو وصول ڪندو آهي ۽ بي اصوليءَ جي پٽ پويان لڪي کائيندو آهي. جڏهن کان لاٽري نڪتي اٿس، تڏهن کان پير پٽيءَ تي ڪونهيس. پنهنجي پراڻي کي کاڻي ماريو اٿائين. ان ڪري ئي مون تيرنهن سيون اڳواٽ پيٽ ۾ هڻاڻي ڇڏيون آهن. ڪا مهل نہ ڪنهن جهڙي، متان ضرورت پنجي رجي.

منهنجي لاٽريءَ ۾ ڏهہ لک روپيہ نڪتا. اها خبر مونکي ڏاڍي دير سان پئي. ٿيو هينئن جو مان رات جو هڪ روپئي جا ڇولا ۽ ڊبل روٽي کائي، مٿان پاڻي جو وڏو وٽو پي، لٽ ڪوڙي سمهي پيو هئس. اڌ رات ڌاري، در تي ڪڙ ڪڙ ٿيو. وڃي کوليم ڏٺم تہ ڇا ڏسان تہ شاعرِ جذبات حضرت بلبل "بيقرار" بيٺو آهي.
چيم: صبح جو اچجانءِ، هاڻي ننڊ پيو آهيان.
چيائين: ترس بابا، تنهنجي لاءِ خوشخبري آندي اٿم.

چار پنسا ڇا مليس، مڙس هليو هو شادي ڪرڻ ڪڳو ڪنهن جاءِ جو.
ڍهلارين چيو: ڏاڙيل سائين، مولا گنج ڏنيو. حڪم ٿئي ته وڃايون توهان جي ناليءِ جو دس.
پوليس واري ڪڙاڪ سان ڏاڙيلن کي سلام ڪندي چيو: ڀوتار اسان جو حصو ته نه وسارجو، پاڻ ۾ ڀائر آهيون. تازا پندا ٿيل مٺ مانٺ، چاچا ماما، سالا ساليون، سڀ ڪن ۾ رني ٿي ويا. رڳو وڃي بچيو شاعر جذبات حضرت بلبل بي قرار.
چيومانس: بلبل بي قرار.
چيائين: جيءُ.
چيم: ڇا خيال آهي ياءُ؟
چيائين: لاٽريءَ جي ٽڪيٽ ني ڏاڙيل صاحبن کي ڏيڻي ڇڏ ادا. اسان اهڙائي ڇڳا آهيون.
اتي ڏاڙيلن جو سردار اڳتي وڌي آيو. لاٽري جي ٽڪيٽ ڪسي پنهنجي کيسي ۾ وڌائين. سائين کي هلڻ جو اشارو ڏيندي مونکي چيائين: هڏڙي مورک، وري ٻه پنهنجا سنڌي ڀاءُ آهيون. اسان نه ڦريون ها ته ٻيو ڪو ڦري وڃي ها، اسان سکيا ته تون به سکيو. هاڻي الله واهي، دعا ڪجانءِ.

ڏاڙيل ويا هليا. بلبل بيقرار ۽ مان ماٺ ميٺ ۾ هڪ ٻئي کي ڏسندا رهيا سين، ڪجهه دير کان پوءِ بلبل چيو: ڏهن لکن جي وڃڻ جو ڏک اٿئي؟
چيم: نه.
چيائين: پوءِ چپ ڇو آهين؟
چيم: سوچيان ٿو ڪهڙن ڏاڙيلن کي دعا ڪيان؟ سنڌ ته سڄي ڏاڙيلن جي قبضي ۾ آهي!

چيائين: اسان جو وقت نہ وڃاءِ. لنچ کي اڃا ٿي دير ٿي رهي آهي.
هوائيو. سائس گڏ سمورا ميمبر پڻ اٿيا ۽ ٻاهر هليا ويا.
مان اڪيلي ڪمري ۾ خط هٿ ۾ جهلي ويٺو رهيس.

ان ڳالهہ کي ويهہ سال گذري ويا.
مون پنهنجي محنت سان پيهر، ٻئي ڪميشن مان مقابلي جو امتحان پاس ڪري ورتو.
شاهہ صاحب رٽائر ٿي ويو ۽ ڪم ناميءَ جي غار مان اڄ مون وٽ موٽي آيو آهي. مون سوچيو: مونکي سائس ملڻ گهرجي.

پٽيوالو جڏهن شاهہ صاحب کي اندر وٺي آيو تہ ڏٺم تہ هو ڪاني ڪراڙو ٿي ويو هو. مون سان هٿ ملائي هو بيهي رهيو، ويهڻ لاءِ چيومانس تہ جهجهڪندي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.
چيم: حڪم ڪيو شاهہ سائين.
التجا واري انداز ۾ چيائين: هڪ عرض کڻي آيو آهيان.
چيم: حڪم ڪيو.
ڪيسي مان هڪ خط ڪڍي مونکي ڏنائين. چيائين: منهنجو پوٽو آهي. لڪت جو امتحان پاس ڪيو اٿائين. اڄ توهان وٽ بورڊ ۾ انٽرويو آهن پر هن کي خط اڃا هينئر مليو آهي. پنهنجا سنڌي آهيون. اميد ساري توهان ڏي آيو آهيان. مهرباني ڪري ڪيس ايندڙ هفتي تائين مهلت ڏيو. لاهور واري انٽرويو ۾ اجازت ڏيوس تہ سندس زندگي سگهي ٿي پوندي.
مون گهوري شاهہ صاحب کي ڏٺو. هن جي منهن جا گهنج وڌيڪ گهرائي ويا هئا.
سندس هٿ ڏڪي رهيا ها ۽ هو سراپا التجا بڻيل هو.
چيومانس: مونکي سڃاڻو ٿا شاهہ صاحب؟
چيائين: توهان کي ڀلا ڪير نہ سڃاڻندو سائين.
چيم: ياد اٿو ويهہ سال اڳ، هڪ اهڙي ئي موقعي تي مان توهان جي آڏو اهڙا ساڳي التجا کڻي آيو هوس.
هو چپ چاپ ڪنڌ هيٺ ڪري زمين کي گهوريندو رهيو.
اوچتو هن جي اکين مان ڳوڙها وهي نڪتا.
مان چوندو ويس: توهان ماڻهو جڏهن ڪرسي تي هوندا آهيو، تڏهن سڀ رشتا، سڀ ناتا ڀلائي، درندا بڻجي ويندا آهيو، ۽ جڏهن ڪرسيءَ تان لهي ويندا آهيو، تڏهن توهان کي سنڌ ۽ سنڌيت جي محبت ماري وجهندي آهي.
هو سڏڪي پيو. چيائين: غلطي برابر منهنجي هئي. مان معافي ٿو گهران.
مان اٿي بيٺس. هٿ وڌائي چيومانس: مون اڄ تائين ڪنهن بہ بزرگ جي بي عزتي نہ ڪئي آهي. پر توکي نڪري وڃڻ لاءِ چوندي مونکي منهنجو ضمير ملامت نہ ڪندو. تون وڃي سگهين ٿو.
هو اٿيو. ڪنڌ جهڪائي در ڏانهن وڌيو. تڏهن خبر ناهي ڇو مون زور سان ٽيبل تي مڪ وهائي ڪڍي. ٽڪل شيشي جا ذرا منهنجي هٿ ۾ پيهي ويا ۽ خون وهي هليو.
هو بيهي رهيو. پر مون ڏانهنس ڏٺو بہ ڪونہ. هٿ مان ڳڙندڙ خون کي مخاطب ٿي چيم: شاهہ صاحب، اهو خط هتي ڇڏي وڃو. توهان جو ڪم ٿي ويندو.

# مردن جو مامرو

صاحب مون واري جي ڊرائيور گدوءَ جڏهن کان اخبار ۾ خبر پڙهي آهي تڏهن کان پريشان آهي. سڀ ڪان پهريون ته سهڪندو مون وٽ آيو.
چيائين: مٺرءِ هيءَ خبر پڙهي اٿئي؟
پڇيم: ڪهڙي؟
چيائين: مردن واري.
چيم: ڪهڙن مردن واري؟
چيائين: بي شرم مردن واري.

ڏاڍو وائڙو ٿيس. ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه اچيم. هونءَ گدوءَ جي ڳالهه چڱي ڀلي ماڻهوءَ کي ڪلاڪ اڌ ته سمجهه ۾ ايندي ئي ناهي. جيڪڏهن ٿوري گهڻي سمجهه ۾ اچي به ويندي آهي ته ان جا نتيجا بيحد خطرناڪ نڪرندا آهن، ڇو ته سمجهه سمجهه جو ڦير آهي. جو ڪجهه گدوءَ جي سمجهه ۾ ويٺل آهي، اهو ٻئي جي سمجهه ۾ بلڪل اهڙي جو اهڙو اچي وڃي، سا اڻ ٿيڻي آهي.
پڇيو مانس: ڪهڙا بي شرم مرد؟
چيائين: اهي ئي جيڪي بي حيا آهن.
چيم: ڪهڙا بي حيا مرد؟
هڪدم چيائين: ڊچڻا، گيدي، بزدل، ڪانئر، ڪميڻا، بي غيرت مرد.

هاڻي ڳالهه مڙني ڪجهه ڪجهه سمجهه ۾ اچڻ لڳي هئم. ڪجهه سوچي چيومانس: گِدو، سنڌ جي ڌاڙيلن جي ڳالهه ته نٿو ڪرين؟
ڪنڌ ڌوڻي چيائين: نه.
چيومانس: سنڌ جي وڏيري جي ڳالهه ته ناهي؟
چيائين: هرگز نه.
چيم: سنڌ جي پير، مير، وزير جو ته ذڪر ناهي؟
چيائين: نه، نه، نه.
چيم: ته پوءِ پڪ ئي پڪ سنڌ جي سياستدان جي ڳالهه هوندي.

هو ڪوڙ دير مونکي ڏسندو رهيو ۽ آخرڪار ڪلندي چيائين: چريو ته مان آهيان، عقل تنهنجو ڪسجي ويو آهي.
چيومانس: يار، تو ته منجهائي ماريو آهي. چوين ٿو ته ڳالهه مردن جي آهي. مرد به اهڙا جي بي شرم، بي حيا، بي غيرت، ڊچڻا، بزدل، گيدي، ڪانئر ۽ ڪميڻا آهن.

ٻني اڳواڻ کي نون ڪيم.
چيائين: وڃ بابا وڃي ڪو ٻيو ڪم ڪارڪر. اجايو ڇوٽو وقت وڃائين.
ڪنهن کي وقت رکيو آهي اهڙا بيڪار ڪالم پڙهڻ جو.
دل ۾ چيم ته ههڙا اهوجهه اڳواڻ ملڪ ۽ قوم جي ڪهڙي خدمت ڪري
سگهندا؟ مونکي سنئون سڌو عوام کان پڇڻ گهرجي.

هڪ راهگير کان پڇيم: يار منهنجي ڪالم بابت ڪهڙي راءِ اٿئي؟
ساڻ ۾ چيائين: ڪالم بابت ته راءِ پوءِ ڏيندس، پهرين پنهنجي متعلق
ٻڌي وٺ ته تون هڪ بي حد بيهودو ماڻهو آهين.
حيران ٿي چيم: اهو وري ڇو؟
وڏيڪ غصي ۾ چيائين: ان ڪري جو تون منهنجي پير تي چڙهيو بيٺو
آهين.

ٻني ماڻهوءَ کان پڇيم. هن چيو: تون ٻيهر ديوارن تي نعرا لکڻ شروع
ڪري ڏي. ڪالم لکڻ تنهنجي وس جي ڳالهه ناهي.
ٽئين کان پڇيم، هن چيو: مونکي تنهنجي حال تي رحم ٿو اچي. تون
ڪنهن سني ڊاڪٽر کان علاج ڇو نٿو ڪرائين؟
سوچيم: جي ايڊيٽر کي اهڙي قسم جا رايا ملندا رهيا، ته پوءِ ته منهنجي
ڇٽي ٿي ويندي.
ان ڪري اڪر بدلائي پنهنجي تعريف ۾ سو ڪن خط ايڊيٽر جي معرفت
اخبار کي ڏياري موڪليم، جن ۾ منهنجي انداز بيان، تخيل ۽ موضوعن
جي وڏي واکاڻ ڪيل هئي. ڪجهه عرصو ائين ڪندو رهيس. آخرڪار
هڪ ڏينهن ايڊيٽر گهرايو. سندس آڏو خطن جا بنڊل رکيل هئا. مونکي
ڏسي مرڪيو. چيائين: هي سڀ خط توهان جي ڪالم جي تعريف ۾ مليا
اٿم.
مون حيرت جو اظهار ڪندي چيو: واقعي؟
چيائين: جي ها. هي سڀ توهان جي محنت جو ئي نتيجو آهن. مان توهان
کي دلي مبارڪباد ڏيان ٿو. پر ڪڏهن ڪڏهن هڪ صلاح به ڏيندس. اها هيءَ ته
آئينده جيڪي به خط موڪليو، اهي پنهنجي نالي واري ليٽر پيڊ تي نه
موڪليو ته بهتر!

آسمان مان ساڙيندڙ سج ليئا پائڻ لڳو .
ڪنهن ٻاهران رڙڪڻي ته نهرون بند ٿي ويون. گٽر جاري ٿي ويا. سبز باغ ۾ ڪاراباغ هڪ ٿي ويا.
پڇيم: ڇا ٿيو؟
ڇيانون: ڊاڙيلن ڌي. سيءَ کي اغوا ڪري ورتو آهي. پوليس وارن پيهر ورديون پائي ڇڏيون آهن ۽ ڪامورا ڇتا ٿي پيا آهن.
ڇيم: پر ٿوري دير اڳ ته هر شيءَ مرضيءَ مطابق هلي رهي هئي.
ڇيانون: هائي ته هر شيءَ مرضيءَ مطابق هلي رهي آهي. پر مرضي ڊاڙيلن جي ٿي هلي.
پڇيم: پر ڇو؟
ڇيانون: ڪافي خرابي ٿي ڏسجي.
پڇيم: ڇا پر؟
ڇيانون: بجيٽ پر!

هيون. مينهن وساڻن کي ڏئي ڏينهن ٿي ويا. تڏهن اوچتو ڪراچي يونيورسٽيءَ جو هڪ واقعو ياد ٿو اچيم.

مان انگريزي ڊپارٽمينٽ ۾ پڙهندو هوس. انهن ڏينهن ۾ انگلش ڊپارٽمينٽ ۾ تمام ٿورن ۽ چونڊ شاگردن کي داخلا ملندي هئي، ۽ انهن ۾ اڪثريت مٿينءَ سوسائٽيءَ جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي هوندي هئي. سون جهڙا مسڪين ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ نظر ايندا هئا ۽ سي به پنهنجن ڪامپليڪسن ۾ مبتلا، ڪاز ڪا ڪنڌ وٺيو، لڪيو پيا لڪندا هئا. وڏ گهراڻا ڇوڪرا، گاڏين تي چڙهي، اوچا ڪپڙا پهري، فيشني ڇورين سان هٿ هٿ ۾ ڏئي وتندا هئا ملڪ ٻيليندا. ڪڏهن ناچ ته ڪڏهن گانو ته ڪڏهن پڪنڪ ته ڪڏهن پارٽي. هر وقت ٺهه ٺهه، ٺهه ٺهه. انگريزي ته سندن گهر جي غلام، پنهنجي ڏوڪڙ جي پرواه ڪرڻ. آزادي اهڙي جو ڪلر ڪلا هڪ ٻئي جي ڇيلهين ۾ هٿ وجهي، راڄن جي سامهون الوليون ڪندا وتن ته ڪو جهل پل وارو ڪونه. موڪلن ۾ اسان ٻارو ٻڇهريءَ ٽانين وڃو ته ٻه لڪ ڪتيانين. هو ڳالهيون ڪن سئيزرلينڊ، فرانس ۽ آمريڪا جون. اسان هڪ سوٽ ۾ ڇهه سال گذاري ڇڏيون، هو ڇهين ڏينهن نئون سوٽ سبايو بيٺا هجن.

اهڙي ماحول ۾ هڪ شاگرد تي نظر پيم جو سڀني کان مختلف، الڳ ٿلڳ ۽ جدا لڳم، نالو هوس سعيد. شام جو ڪٿي پرائيويٽ نوڪري ڪندو هو ۽ ڏينهن جو يونيورسٽي پڙهڻ ايندو هو. سياري اونهاري اهاڻي خاڪي پتلون ۽ پيلي رنگ جي ڌارين واري قميص. اڪتي هلي خبر پيم ته هفتي ۾ هڪ ڏينهن انهن ٻنهي لٽن کي پاڻ ڌوئندو آهي ۽ باقي ڏينهن استري ڪري پائيندو آهي.

ڪلاس ۾ ڏاڍو گهٽ ڳالهائيندو هو. اول ته سائنس ڪو شاگرد پيش ڪڏ ڪري ڳالهائيندو ني ڪونه هو، پر جي ڪنهن ڪٿي ڪو سوال پڇيس به ته ان جو مختصر جواب ڏئي، بيزاري وچان منهن ڦيري ڇڏيندو هو. سون ڪيس هر وقت لڪندي ڏٺو. ڪلاس ۾، ورانڊي ۾، لائبريءَ ۾، مطلب ته جتي به هوندو، ويٺو لکندو. پوءِ ڪنهن ٻڌايو ته بي حد غريب آهي. ڪتابن خريدڻ جي طاقت ڪانهيس ان ڪري سمورا درسي ڪتاب لائبريءَ مان اوڌر تي وٺي، پنهنجي هٿن سان نقل ڪري رکندو ويندو آهي.

مونکي ڏاڍو تعجب ٿيو. شيڪسپيئر جو هڪ ڊرامون ني ڪاپي ڪرڻ لاءِ شينهن جو جگر گهرجي، هتي ته سوين اهڙا ڪتاب گهربل هئا، جي قدم قدم تي مطالعي لاءِ ضروري هئا. سعيد پنهنجي غربت سبب اهو پهاڙ جهڙو ڪم پنهنجي سر تي وسايو هو. اسان پنهنجي تماشن ۾ پورا هوندا هئاسين، هو پيو لکندو هو.

# خوابن جي ليليٰ

تنهنجو نالو؟
ڪتيجان.
ڪتيجان ليليٰ ٿيندين ء؟
لالو ته منهنجي مڙس جو نالو آهي.
ته تون شادي شده به آهين؟
ها.
پر مان ته هڪ اهڙيءَ عورت جي تلاش ۾ آهيان جا سماج جي ٺڪرايل هجي. ڏکي، ڏکي، ستايل ۽ گهائل هجي. جنهن جو هن دنيا ۾ ڪو به نه هجي. جنهنکي سهاري جي ضرورت هجي.
پر مونکي ته سهاري جي ضرورت ناهي.
مڙس جو پيار اٿئي ؟
ها، مونکي تمام گهڻو چاهيندڙ آهي.
اها ڳالهه ته خراب ٿي. قاعدي موجب تنهنجي مڙس کي توتي ظلم ڪرڻ گهرجي ها. ٺرو پيندڙ آهي؟
نه.
رات جو گهر دير سان ايندڙ آهي؟
نه.
تنبڪ ۾ وڦلندڙ آهي؟
نه.
گونگهرا هڻندڙ آهي؟
نه.
مارڪٽ ڪندڙ اٿئي؟
نه
اهو ته ويتر خراب ٿيو. معلوم ٿو ٿئي ته توکي دنيا ۾ ڪو به ڏک ڪونهي .
ڏک ڇا جو؟
اها ئي ته مصيبت آهي ته توکي ڪوئي غم ناهي.
منهنجي ليليٰ کي ڏک ئي ڏک سهڻا آهن دنيا ۾. محبت ۾ ناڪامي، هيرو جي بي وفائي، پيءُ جي مارڪٽ، پاڙي وارن جا طعنا تنڪا، بدنامي ۽

چيائين: پلا خط واري ڳالھ سمجھ ۾ آئي اٿئي؟
چيمر: ڪھڙو خط؟
چيائين: اھو جيڪو حيدرآباد جي ڪنھن آفيسر لکيو ھو.
چيمر: عشق جو خط ھو ڇا؟
چيائين: نہ ڙي متر نہ، اِن خط جو فوٽو بہ اخبارن ۾ ڇپيو ھو. وڏا ٺاٺ ٺاڙيا ھا ان خط.
چيمر: پوءِ ڇا ٿيو گدو؟
چيائين: خط گم، خط وارو آزاد.
چيمر: ائين تہ مون جھڙو موڪو بہ نہ ڪري.
چيائين: موڪو آھين تڏھن تہ خط نٿو لکي سگھين.
چيمر: خط لکيو ھوم ھڪڙي ڇوڪري ڏانھن. ھڪڙيءَ ڇوڪريءَ کي.
چيائين: پوءِ؟
چيمر: خط ڇوڪريءَ جي بجاءِ وڃي سندس ماءُ کي مليو.
چيائين: تہ ته ڏاڍي خوش ٿي ھوندي.
چيمر: نہ. ڏاڍي خوش ٿي. سمجھيائين تہ مون کيس خط لکيو آھي. ڏاڍو ڪارايائين پياريائين. پر پوءِ جڏھن حقيقت جي خبر پيس، تڏھن ميونسپالٽيءَ وارن کان ڪتن مارڻ وارو زھر وٺي ماني ۾ ملائي ڏنائينم.
چيائين: پوءِ بہ بچي وئين؟
چيمر: ڪن ماڻھن تي روز حملو ٿو ٿئي، پوءِ بہ بچيو ٿا وڃن.
چيائين: اھي تہ گوليءَ کان ٿا بچن.
چيمر: مان بہ گوريءَ کان بچي ويس.
چيائين: تنھنجون ڳالھيون منھنجي سمجھ ۾ نٿيون اچن.
چيمر: تنھنجون ڳالھيون بہ منھنجي سمجھ ۾ نٿيون اچن.
چيائين: پاڻ ٻنھي جون ڳالھيون ڪنھن کي بہ سمجھ ۾ نٿيون اچن.
چيمر: اسان ڇريءَ قوم جا ڇريا فرد جو آھيون.
چيائين: تنھنجي ماءُ سچ چوندي ھئي.
پڇيمر: ڇا؟
چيائين: تہ تنھنجي مٿي ۾ مک جو ميڄالو پيل آھي.
چيمر: ٻ ٻاٻي جي راءِ متعلق ڇا خيال اٿئي؟

چائنيز: اهو به صحيح چوندو هو، توکي کتي جو مغز پڻ مليل آهي. پر يقين ڄاڻ ته اها هڪ صحتمند، سجهو ۽ وفادار ڪتي سان سراسر زيادتي آهي.
پچيم: ڪيئن ۽؟
چيائين: ڪتو ڪنهن به دشمن کي پري کان سڃاڻي وٺندو آهي، پر تو نه ڪڏهن دوست کي سڃاتو ۽ نه وري ڪڏهن دشمن کي ئي سڃاتو.
چيم: اڄڪلهه اهي ڪتاني ڪونه رهيا آهن.

صاحب مون واري جي السيشن ڪتي، جنهن اها سموري گفتگو پرسان ويٺي ٻڌي، تنهن احتجاج طور، آسمان ڏانهن منهن ڪري، هڪ خوفناڪ اوناڙ ڪئي ۽ پوءِ چڪ هڻي منهنجي سلوار جو پانچو ڦاڙي ٻاهر ڀڄي ويو.

ڪي برسات ڏاڍي پسند آهي، تڏهن ڪان ڇتا ٿي پيا آهن. ڇرن ٿا ته هونءَ الائي اوهان بل پاس ڪيو يا نه، پر جي پنا برسات جي پاڻيءَ سان ڌوتل هوندا ته پوءِ توهان انڪاري ڪري ٿي ڪونه سگهندؤ.

ڪاوڙ ته ڏاڍي لڳم، پر چپ ڪئي ڪيم. چيم: جي اشراف آهيو ته رجي بيهر بل ڏاهي مون وٽ اچو. خالي پني تي صحيح نه اڳ ڪني هنم، نه هاڻي ڪندس.

هو موٽي ويا. ايتري ۾ هڪ ٺيڪيدار اچي پهتو.

چيم: گلشير خان خوش آهين؟

چيائين: رب جا احسان آهن.

چيم: صبح صبح ساڻ ڪينءَ پنڌ پيو آهين؟

چيائين: ڪجهه بل ڪٺي آيو آهيان سائين. پاس ڪري ڏيو ته رجي ڪي چار ڏوڪڙ وٺان بينڪ مان.

چيم: بل ته پاس ٿي ويندا گلشير خان، پر پهريون چيڪ ڪرڻا پوندا.

چيائين: مالڪ آهيو سائين. چيڪ ڪيو، نه ڪيو، توهان جي مرضي. مونکي پنسا گهرجن.

چيم: اهڙا ڏڪ ته گلشير خان اڳ ۾ گهڻا ڪڍي ويو آهين. ڪم لٺو، ٻڪن وسريو. جوڳي نه ڪنهن جا مٽ. موٽي نه ڪڏهن منهن ڪيني ته سائين هيءَ سوکڙي تنهنجي ٻارن لاءِ.

هو مرڪيو. ڪيسي مان هڪ خوبصورت دبلي ڪڍي ڪٺي منهنجيءَ ٽيبل تي رکيائين. چيائين: توهان حڪم ڪيو ۽ اسان تعميل نه ڪيون؟ اڻ ٽيٺي آهي.

چيم: مار! وڏي سر ۾ آهين اڄ ته گلشير خان.

چيائين: پيٺي آ! سوکڙي ۾ ته آندي اٿم ڪره ڪاف تان.

چيم: سچي؟

چيائين: نور پٽاري، پر پهريون بل پاس ڪيو، پوءِ کوليوس بسم الله ڪري.

چيم: بل ته اجهو هيءُ ٿي ويو پاس. هاڻي ٻڌاءِ ڇا آهي هن دبليءَ ۾؟

چيائين: توهان ٻڌايو.

چيم: هيرو اٿس؟

چيائين: نه.

گهنٽيءَ جي ٻجي ٻار کي خبر پنهنجي وڻي آهي. ڪو مٿان ٿو رڙ ڪري، "برسات" . ڪو مٿان ٿو رڙ ڪري "برسات!"

منهنجو جيئڻ حرام ٿي ويو آهي. مان ڇتو ٿي پيو آهيان. منهنجو دماغ ڪم نٿو ڪري. هيئنر به نوڪر گرم گرم چانهه جو ڪوپ کڻي آيو آهي. ڊڄندي ڊڄندي چوي ٿو: سائين ٻاهر برسات پئي ٿي وسي.

مان امالڪ چانهه جو ڪوپ پنهنجي مٿي تي هاري ٿو ڇڏيان ۽ زور زور سان ٽهڪ ڏيندي چوان ٿو: اڙي مونکي بچايو. مونکي برسات کان بچايو. مونکي برسات کان بچايو. مونکي برسات کان بچايو.

انويسٽمينٽ. جهڙوڪر پرائز بانڊ وٺي ڇڏيني. مور ۾ محفوظ ۽ انعام جو ٻه آسرو.
چيمر: ان تي تہ اعتراض ٿيندا. وتائي فقير جا لکين مريد ۽ پرستار آهن، اهي رسي ويندا.
چيائين: پنهنجو لولو تري، پوءِ لوڪ رٺو تہ ڇا ٿيو؟

خير سائين، بلبل بيقرار جي صلاح تي وتائي فقير جي شان ۾ انٽرنيشنل ڪانفرنس جون تياريون ٿي ويون. اخبارن ۾ بيان ڇپجي ويا. ڪميٽيون ٺهي ويون. انتظام ٿي ويا. ملڪ سڄي ۾ واه واه ٿي وئي. ملڪ تروڙي پرڏيهہ جا پهرئين جوڙ جا چر چاڻي اچي گڏ ٿيا. فلمي، غير فلمي، قلمي، غير قلمي ماڻهن اچي دڳ جهليو. تماشبينن جا انبوهہ اچي ڪٺا ٿيا. اسان جي ملڪ ۾ رڳو ڪارو انڌو ڪري دڳ تي ويهي رهو، پوءِ ڏسو تہ ڪيئن نہ ٿا ڪنڪ اچي ڪڙڪر ڪن.

هڪ اخباري نمائندي فون ڪري پڇيو: توهان وتائي فقير کي هڪ صوفيءَ جي حيثيت ۾ خراج پيش ڪرڻ چاهيو ٿا يا هڪ مزاحيہ ڪردار جي حيثيت ۾؟
چيمر: ان جو جواب تہ بلبل بيقرار ڏيندو.
چيائين: اهو ڪير آهي؟
چيمر: شاعر جذبات آهي.
چيائين: ڪٿان جو شاعر جذبات آهي؟
چيمر: اهو تہ هو پاڻ ٻڌائيندو.
چيائين: خير، اهو ٻڌايو تہ ملڪ جي نامور هستين کي ڇڏي اوهان صدر ۽ مهمان خصوصيءَ لاءِ هٿ راٺيا ۽ وڏيرن جا ڪمدار ڇو چونڊيا؟
چيمر: ان جو جواب ٻہ بلبل بيقرار ڏيندو.
چيائين: هن قسم جي ڪانفرنس کان پوءِ اوهان جا ڪهڙا ارادا آهن؟
چيمر: بلبل بيقرار کي خبر آهي.
چيائين: وتائي جي مزار تي قبو اڏائيندو؟
چيمر: بلبل بيقرار جواب ڏيندو.
چيائين: تون ماڻهو آهين يا چنيسر؟
چيمر: بلبل بيقرار کان پڇي ٻڌائيندو مانءِ.

# انساني تجربيگاه

انگلنڊ جي شهر لنڊن جي مشهور "انساني تجربيگاهہ" ۾ ڪجهہ ماڻهو آندا ويا، جينِ ڪانئن پڇا ڳاڇا ڪري، سندن ذهني، فطري ۽ نفسياتي لاڙن متعلق معلومات حاصل ڪجي.
پروفيسر ٽيلر برائيٽ هائوس ان ڪاتي جو سربراهہ آهي. هو تمام چالو، تجربيڪار ۽ مخلص انسان سان گڏوگڏ هڪ بي حد محنتي ۽ لگن وارو سائنسدان آهي. هن جا ساٿي پڻ هن وانگر ئي گهرو مطالعو ۽ مشاهدو رکندڙ پروفيسر آهن، جن پنهنجي زندگيءَ جو مقصد ئي انساني نسلن جي کوجنا کي بڻايو آهي. اڄوڪي ميٽنگ ۾ صدارت واريءَ ڪرسيءَ تي پروفيسر برائيٽ هائوس موجود آهي. سندس ساڄي پاسي واريءَ ڪرسيءَ تي پروفيسر آرمر اسٽرانگ موجود آهي. کابي پاسي واريءَ ڪرسيءَ تي پروفيسر ينگ هسبنڊ ويٺو آهي ۽ سيڪريٽريءَ جا فرائض هڪ بي حد خوبصورت نوجوان ڇوڪري جولي جانان ڏئي رهي آهي.

ٺيڪ ڏهين بجي پروفيسر ٽيلر ديوار تي لڳل گهڙيال تي نظر وجهندي ميٽنگ جو آغاز ڪندي چيو ته: اڄ اسان جنهن گروپ کي پنهنجي ليبارٽيري ۾ آندو آهي. انهن جو تعلق هڪ ڏورانهين ملڪ سنڌ سان آهي. اوهان کي ياد هوندو ته اسان جي ئي هڪ هم وطن سرچارلس نيپيئر اڻويهين صدي جي وچ ڌاري ان ملڪ کي فتح ڪيو هو. فتح ته اسان سڄو هندوستان ڪيو هو. پر جيڪا مزاحمت، دليري ۽ ويڙهاند سنڌ جي ماڻهن ڪئي هئي، ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. سندن هڪ ناميارو سورمو جنرل هوش محمد وڙهندي مارجي ويو هو پر سندس بهادريءَ کي اسان جي جنرلن بہ سلام ڪيو هو. ان کان پوءِ هن قوم ۾ تمام سنا ۽ تمام برا انسان پيدا ٿيندا رهيا آهن. ويهين صديءَ جي وچ ڌاري اسان هن تڪري کي ڇڏي آياسين پر اسان جي جاءِ ٻين قومن وڃي والاري. نتيجي طور سنڌ جا ماڻهوا اڄ بہ عملي طرح ذهني، اقتصادي ۽ جسماني طور مڪمل آزادي ماڻي نہ سگهيا آهن. منهنجو خيال آهي تہ ان تعارفي نوٽ کانپوءِ اوهان کي جاڻ پئجي وئي هوندي تہ اڄ اسان ڪهڙي قسم جي ماڻهن جو انٽرويو ڪرڻ وارا آهيون. جولي، مهرباني ڪري هاڻي هڪ هڪ ڪري پنهنجا "آبجيڪٽ" ڪميٽي آڏو پيش ڪر، ۽ ها، سندن تعارف

بچاءَ ڪرڻ گهرجي.
راهي: متحد؟ سڀ انهن چورن سان؟ اڙي سائين توهان کي ڪهڙي خبر ته اسان جي انهن ڪامريڊن اسان سان ڪهڙا ڪلور ڪيا آهن؟ سنڌ ته اسان جي امڙ آهي. سنڌ لاءِ ته جان به حاضر آهي. پر انهن بدمعاشن کي پهريون نيست ۽ نابود ڪري پوءِ سنڌ جي دشمنن سان مقابلو ڪبو. جيستائين انهن مان هڪ به زنده آهي. اسان سک نه سمهنداسين.
آرام: تيستائين ته توهان جو پنهنجو وجود به ختم ٿي ويندو.
راهي: ڀلي ٿئي. ان جي پرواهه ناهي. پر .........
ٽيلر: توهان ڪافي جذباتي ٿي ويا آهيو. توهان هلي آرام ڪيو. اسان توهان کي ٻيهر تڪليف ڏينداسين. تيستائين خدا حافظ.
راهي ٻن جي ٻيڙي غاليچي تي اڇلي، مٿانئس پير ڏئي ڪيس چيپاٽي وساڻي ٿو ۽ پوءِ اجرڪ کي چڱي طرح ڪلهي تي رکي، ڪهاڙي لوڏيندو ٻاهر نڪري وڃي ٿو.

جولي ٻاهر وڃي ٿي ۽ پاڻ سان گڏ هڪ پنجاهه سالن جي مرد کي وٺي اچي ٿي.جنهن نهايت ئي سليقي سان مغربي پوشاڪ پهري آهي. گهري نيري رنگ جي سوٽ تي، ان ئي رنگ جي آڏن ليڪن واري ٽاءِ، ان ئي رنگ جو سلڪي رومال ڪوٽ جي اڳئين کيسي ۾ گل جي شڪل ۾ وڌل ۽ ساڳي ئي رنگ جا قيمتي جوراب.باليءَ جي واڳونءَ ـــ کل واري جوتي تي پاتل.
جولي سندس واقفيت ڪرائيندي چوي ٿي: هيءَ آهي مسٽر ڪي. ڪي چنڊال. سنڌ جو اعلي عملدار آهي. بنيادي طور وڏيرو آهي پر ولايت ۾ ڪجهه سال گذارڻ سبب سندس اٿڻ ويهڻ تي مغربي اثر غالب آهي.
مسٽر ڪي. ڪي چنڊال هڪ هڪ سان گرم جوشيءَ سان ملي ٿو ۽ پوءِ پنهنجي ڪرسيءَ تي ويهي ٿو رهي.
ٽيلر: مسٽر چنڊال، ڪي. ڪي مان ڇا مراد آهي؟
ڪي. ڪي: (ٿورو شڪي ٿيندي) ڪرڙخان. دراصل اهو منهنجي مرحوم ڏاڏي جو نالو هو.
ٽيلر: نيور مائينڊ. اهو ٻڌايو ته اوهان زميندار مان عملدار ڪيئن ٿيا؟
ڪي.ڪي:(کلها مٽڪائيندي) اهو ڪو وڏو مسئلو ته نه آهي؟ جيڪو ماڻهو هارين ناڙين، ڪمدارن ڪارون کي سنڀالي سگهي ٿو. ان لاءِ

ينگ: سار سنڀال لهڻ وارو.

ڪراڙو. نه ابا.

ينگ: ڪاڏي ويا؟

ڪراڙو: مري ويا. سڀ مري ويا پٽ مُتارا مري ويا. منهنجا مُتارا مري ويا. بابا.

ڪراڙو سڏڪن ۾ اچي ٿو وڃي. سڀ مڙي سڙي سندس چوگرد ڪڏ ٿين ٿا. ايتري ۾ وڏيرو ڪبڙ خان ڏرڪيندو اندر اچي ٿو. هٿ ۾ دوناليِ بندوق اٿس. اچڻ سان جوليءَ کي ٻانهن کان پڪڙي گهليندو ٻاهر هليو ٿو وڃي. سڀ ماهر سندس پٺيان ڊوڙن ٿا. ڪراڙو سوري واقعي کان بي خبر، منهن مونن ۾ وجهي سڏ ڪندو ٿو رهي.

منهنجو عزرائيل ٿي آيو آهين. ڇوانءَ ٿو ماٺ ڪر. ماٺ ڪر، ماٺ ڪر نہ تہ مان پاڻ کي گولي هڻي ماري ڇڏيندس.

چيمر: پاڻو ڏاهو ٿيءُ. ماڻهو تہ اسان جي ڪلام تي داد ڏيندا آهن.

ڪجگوڙ ڪندي چيائين: ماڻهن جي تہ ولي ڪري.......... ماڻهن جو آ اڇو منهن.

چيمر: اڄي منهن تي بہ شعر ياد آيو اٿم.

هن مونکي ڳچيءَ کان جهلي ٻاهر دروازي کان ٺيڻو ڪيو. چيخندي چيائين: نڪر هتان سونر ڪنهن جاءِ جا. توجهڙا بہ ڪير ٻيا ڪنياسين تہ اسان بہ ڪٽيو ڪاڏو. هاڻي دفعا ٿي منهنجي نظرن کان نہ تہ ڏوڙيا ڪراني ڏيندوسانءِ گولين جا.

مان اٿيس ڪپڙا ڇنڊيہ. بياض ريشمي رومال ۾ ويڙهيم ۽ کيس چيم: تنهنجي وڏي مهرباني ڏاڙيل صاحب قدرداني ڪني اٿني. ان لاءِ سوکڙيءَ طور هيءَ آخري شعر ٻڌائيندو ٿو وڃانءِ. عرض ڪيو اٿم تہ: هُن ٻني آڳريون زور سان ڪنن ۾ وڌيون ۽ سڌو اندر ڪمري ڏانهن ڀڳو.

مان حيران ٿي ويس تہ آخر مون کان اهڙي ڪهڙي خطا ٿي وئي جنهن کان هو ايترو بيزار آهي. ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيہ تہ پنهنجي بنگ ڪٺي، آخري نگاهہ ان ڪچيءَ جاءِ تي وجهي اڃا پهريون قدم مس کنيم تہ اندران گولي ڇٽڻ جو آواز آيو ۽ ان سان گڏوگڏ ڏاڙيل جي آخري چيخ پڻ گونجي.

ڪنن ۾ ڪجھ وجھي ڇڏي ۽ ڪن متاثرين تہ وڃي ٿاڻي جو در کڙڪايو. چوپڙي تروڙي رڪارڊن تي بندش پنجي رئي.
بابا سائينءَ کي بلڊ پريشر جو عارضو هو. حڪيم جو علاج ڪرائيندو هو. حڪيم چني ڇڏيس تہ جي جان عزيز اٿئي تہ دوا وقت تي کاءُ، ڪاڏي پيئي جو خيال رک ۽ سونا خان بلوچ جي ڪلام ٻڌڻ کان پرهيز ڪر.
اهي حال ڏسي مون ڪلامن جي چوپڙي ڇاپائڻ جو خيال بہ دل تان لاهي ڇڏيو. ان کان پوءِ طوطي مينا جي ڪهاڻي، طلسم هوشربا جو قصو، ٽارزن جو سيريل، سڀ ڪجھ لکڻ جا ارادا ڪندو رهيس ۽ بدلائيندو رهيس.
آخرڪار منهنجي روح سٽ ڏني ۽ پڪو پهہ ڪيم تہ سچن عاشقن جو احوال يعني سهڻي ميهار جي آکاڻي لکي وجي ۽ عام ماڻهن کي بلڪل نئين انداز سان ٻڌائي وڃي، ڇوتہ منهنجي ذاتي راءِ ۾ اصل ڪهاڻيءَ کي ڦيراڻي گهيراڻي غلط انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. دراصل نہ سهڻي سهڻي هئي ۽ نہ ميهار ميهار هو. خير، اهي تہ وڃي ٿيا تفصيل. مون ڏينهن رات جي محنت، لڳن ۽ ڪوشش سان سهڻي ميهار جو جديد قصو پڪي جلد سان ڇپائي پڌرو ڪيو ۽ ارادو ڪيم تہ ان جو افتتاح پڻ ڪنهن سهڻي يا ميهار کان ئي ڪرائيندس. سهڻي نالي ڪيترين ئي عورتون ڏٺم پر هر هنڌ ناڪامي ٿيم. يا تہ سندن نالو سهڻي نہ هئو يا وري پاڻ سهڻيون نہ هيون.
مايوس ٿي ميهارن جي پٺيان پيس. پاڙي ۾ ئي پانڌي ميهار رهندو هو.
ان کي چيم تہ: يار پانڌي، بيلي منهنجي ڪتاب جو افتتاح ڪندين؟
حيرت مان پڇيائين: اهو ڇا ٿيندو آهي؟
چيم: ڪتاب جي مهورت ٿيندي آهي.
چيائين: مهورت ڇا ٿيندي آهي؟
چيم: لانچنگ سيريمني.
لٺ اولاريندي چيائين: انگريزيءَ ۾ گاريون ٿو ڏين ڇا؟

مان ٻني ميهار ڏي ويس. هو ان وقت کير ۾ پاڻي ملائي رهيو هو. مونکي ڏسي چيائين: هينئر تہ نہ. پوءِ اچجانءِ.
چيم: کير وٺڻ نہ آيو آهيان.
چيائين: تہ پوءِ صبح صبح ڏوڙ پائڻ آيو آهين ڇا؟
چيم: ائين ئي سمجھ.
چيائين: ڇا گهرجني؟

فون ڪري پڇيم: ته ڀلا، هيءُ ڪهڙو ڦهر ٿيو؟
ڇپائين: بندر گندر آهي. پل ڇڪ انسان ڪان ني ٿيندي آهي. حادثو ٿيئو هو، سو ٿي ويو. پنهنجي هٿن پيرن پڇڻ جو ايترو ڏک ڪرڻ اهڙ جيترو پنهنجيءَ ڪار جو.
ڇير: اهڙي قيمتي هني ڇا؟
ڇپائين: قيمتي ته ايتري ڪونه هني، پر مونکي پياري ڏاڍي هني. نالو ني رکيو هو مانس "سهڻي".
ڇير: ڪهوڙا رڙي. ظلم ڪري ڇڏيو. انهيءَ سهڻيءَ ته بيڙو ٻوڙيو آهي، جني سهڻيءَ جو ٿو پير پوي، اتي ٽپو ني اونڌو.
زال مون واريءَ کي ته مون تي ڇوويهه ني ڪلاڪ ڪاوڙ هوندي ني هوندي آهي، منهنجا هي پرڪار ڏسي باهه ٿي وئي.
ڇپائين: منا ماريا، نه ڪم اٿني نه ڪار. رڳو ان بيڪار ڪتاب جي پنيان چتو ٿي مئو آهين. گهر جو به فڪر اٿني يا نه؟ ڪو ٻوڙ پاڙي آهي، ڪو سيڌو سامان، ڪو پنسو پنجڙ؟ هونهه! تون ۽ تنهنجو ڪتاب! جي مونکي نئو پالي سگهين ته به ڪٿي هڏاءِ ته وڃي ماٽن جي در تي ڪران.
ائين چئي اچي پٽن پاراتن تي لٿي. ڪجهه هٿ ڪان به ڪم ورتائين، ڪجهه زبان ڪان. رنڊٽي مان نڪٽي ڪٺڻ پني وني ته ڇيرمانس: ڦاپل! خدا ڪٿي ٿوري تي بچايو اٿني. جي مانٽ ڦاپل بجاءِ سهڻي نالو رکني ها، ته نه تون ڏک ڏسين ها ۽ نه مان ههڙا عذاب سهان ها!

اها شروعات هئي .
ڪنڌ ڪرڻ جي واقعي کي اٽڪل ويهه سال ٿي ويا آهن. انهن ويهن سالن ۾ نہ اسلام کي ڪو ڇيهو رسيو ۽ نہ وري هندومت جي ڪا سرسي ٿي . ابترو ضرور ٿيو تہ سنڌ جا هندو وڏي تعداد ۾ لڏي ڀارت هليا ويا ۽ انهن کان ڍهوٽا ڀاري ڏوڪيندا هن ڌرتيءَ تي اچي آباد ٿيا ، نہ رڳو ابترو پر ڪلهوڪا آيل غيرملڪي، جن هندن کي نہ صرف ان ڀهاني تي پنهنجي تاراج ڪيو تہ هو غير مذهبي آهن، هتان جي اصلوڪن رهاڪن ۽ هم مذهب مسلمانن کي ٻڻ ساڳئي روش جو شڪار بنائي رهيا آهن، ان لاءِ تہ هنن کي اهو ڌرتيءَ ٽڪرو ڦٻائڻو آهي، جنهن تي هنن کي پناهہ ملي .
موهن جي گهر کي باهہ ڏئي هنن ڪو نئون ڪارنامو تہ نہ ڪيو آهي. جن جي اندر ۾ حسد جو آڙاهہ جلندو هجي سي گلن جي ورڪا تہ نہ ڪندا . باهہ ئي ڏيندا ، تباهي ۽ بربادي ئي ڦهلائيندا، قتل ۽ غارت ئي ڪندا .

موهن کي مان تمام پراڻو سڃاڻان . مون کان ڪجهہ وڏو آهي. سندس ننڍو ڀاءُ فتح چند هيرانند نچناڻي، منهنجو هم ڪلاسي ۽ ننڍپڻ هوندي جو دوست هو. گڏ پڙهندا هئاسين .جنهن گهر کي باهہ لڳي آهي، ان جي اڱڻ تي اسان جي ماضيءَ جون مرڪون وڇايل آهن. ميٽرڪ کان پوءِ اسان جا رستا الڳ ٿي ويا . ان هوندي بہ ڪڏهن ڪڏهن ملاقات ٿي ويندي آهي. پر اخبار جي خبر پڙهي مون کي ننڍپڻ جون اڪيچار يادون وڪوڙي ويون آهن. يادون جن تي ڪنهن بہ قسم جي متهيد جو ڪو بہ رنگ چڙهيل ناهي. يادون جي هڪ معصوم ، پر امن ۽ ساٿيڪي ماحول جو پاڇو لو آهن. يادون جن ۾ نہ بارود جي بوءِ آهي ۽ تعصب جو زهر آهي.
جن ۾ ڪرسچن نرس جو پٽ وڪٽر آهي،
سک ڊاڪٽر ڪپور جو پٽ بلراج آهي،
شيعي جمال شاهہ جو پٽ قطب شاهہ آهي،
سني رضا محمد جو پٽ معروف آهي،
ڪانگريسي محمد معاذ جو پٽ حميدآهي،
۽ هيرانند نچناڻيءَ جو پٽ فتح چند آهي.

انهن ئي ڏينهن ۾ نوابشاهہ ۾ پتاشي اوڙ نالي هڪ غنڊو ساماڻهو. هڪ

پر اچ ائين لڳو ڄڻ ان ديوار کي ٽوڙي، ڪنهن پتاشا اندر ڪاهي آيا آهن، ۽ جنهن پاسي ڏونهون قلهجي ويو آهي ۽ آسمان آڳ اوڳاڇڻ لڳو آهي ۽ ڏرتي دانهن جي علامت بڻجي وئي آهي.

خبر ناهي ڇو ڪنڊ ڪوٽ جو اهو ڪراڙو منهنجي ذهن تي ڇپجي ويو آهي، جيڪو پٽ تي اوڪڙو ويٺو آهي ۽ زمين جي مٽي مٺي ۾ ملي روئي رهيو آهي ۽ روئي روئي چئي رهيو آهي: امڙ، منهنجي ماتا، مون کي ڪٿان جو به نه ڇڏيئي.

اسڪول هلائيندو آهي. خود مون ٽي دفعا پنهنجو پاڻ کي صرف ان لاءِ گولڊ ميڊل ڏنا آهن ته جيئن وزيرن اميرن آڏو سرخرو ٿي سگهان ۽ تڪڙا پروموشن ماڻي سگهان. جنهن سماج ۾ سڀ ڪجهه ٺڳي ٿو، ان ۾ جيئڻ لاءِ جيڪڏهن اسان به ٺڳيءَ ڪوشش ڪئي ته ڪا اهڙي خطا ته نه ٿي پئي ؟

مون شرميليءَ ڏانهن ڏٺو، جا دلبرائي ادا سان مون ڏانهن ڏسي کلوري رهي هئي.
چيم: هن ڏرتيءَ جي ڪنهن سچي سڄڻ جي همت افزائي لاءِ ڪريه سونو بلو ڏيڻ ضروري ناهي، بکئي ۽ بيروزگار اديب کي پيار جا ٻه ٻول ڏيو، ٻي پهچ ۽ بي يار و مددگار فنڪار کي سهاري جي هڪ مرڪ ڏيو. محنت ڪش ۾ جاڳوڙي تعليمدان جي صرف هلڪي ٿپي ٿپري چڏيو. دنيا ڀر جو سون ۽ سونا ميڊل پاڻ وٽ رکو اسانکي فقط محبت ڀري ميٺا ڏيو.
طوطي پنهنجو چنهنب جهلڙ نڪ مٿي ڪنيو ۽ هبڪندي چيو : ها مونکان ته ڳالهه ئي وسري وئي. هن ڀيري توهان لاءِ خصوصي ايوارڊ الڳ رکيو اٿئون.
مان اٿيس ۽ ٻاهر ويندي چيم: مون لاءِ يتيميءَ جو ايوارڊ ئي ڪافي آهي پيارا طوطا!

ڪي وڃائڻ نٿي چاهيان .
هوءَ اٿي، در ڏانهن وڌڻ کان اڳ جهيڻي آواز ۾ چيائين: ڪيس خبر نه پوي ته مان آئي هئس.
مان ماٺ . لڳو بخار جي شدت وڌي وئي آهي.
هوءَ ڪجهه دير ڪنڌ جهڪائي بيٺي رهي. پوءِ هوريان هوريان قدم کڻندي منهنجي ويجهو آئي.
چيائين : اسان گذريل هفتي کان هت زغرب ۾ آهيون.
مون تعجب مان ڏانهنس ڏٺو.
وري چيائين: مون ۾ ڏانهنس اچڻ جي همت نه هئي.
چيو مانس: پر هوءَ ته تنهنجي ئي آس تي زنده آهي.
گهٽيل آواز ۾ چيائين: ها. مان ڄاڻان ٿي. شايد اِن ڪري ئي مون سانس نگاهون ملائڻ نٿي چاهيون. هوءَ ڏاڍي پياري ماءُ آهي. پر، پياري زال ٿيڻ لاءِ پياري ماءُ جي قرباني ڏيڻي ئي پوندي.
هن جون اکيون ڇلڪي پيون. تيزيءَ سان پنتي مڙي ۽ تڪڙي تڪڙي ٻاهر نڪري وئي.

منجهند ڏاري مسزمارڪس موٽي آئي. منهنجو تيز بخار ڏسي ڏڪي وئي. چيائين: ڇوڪرا مونکي ته هاڻي ڊپ ٿو ٿئي. ڏينهن ٻن ۾ ليونا اچي مونکي وٺي ويندي. سوچيان ٿي ته پوءِ تنهنجو ڇا ٿيندو؟

# پر پيار ته ناهي پاڇولو

مسزمارڪس جي اپارٽمينٽ ٻاهران يوگوسلاويا جي قومي شاهراهه لنگهندي هئي جنهن کي پار ڪري سڙڪ جي ٻيءَ پر اسان ميدان تي پهچندا هئاسين. روڊ تي آڪثر بسون سراجيوو ڏانهن ويندي يا موٽندي نظر ايندڀون هيون. شروع شروع ۾ اهو خيال هوم ته سراجيوو ڪنهن قصبي يا ويجهڙي شهر جو نالو آهي، پر پوءِ مقامي ماڻهن جڏهن تاريخ ۽ جاگرافي ٻڌائي، تڏهن پنهنجي ڀل جو احساس ٿيم.

مونسان گڏ ٽريڊنگ ڪارپوريشن جو جنرل مئنيجر مونيز به سان هليو هو. پاڻ هاڻي رٽائر ڪيو اٿائين. ڪرستان آهي. ايماندار، سچار ۽ کرو ماڻهو. خدا ڪيس ڏينهن ڏني ڏاڍي ڪم وارو ۽ مددگار قسم جو ماڻهو آهي. مونيز هڪ ٻه دفعو اڳ به زغرب مان ٿي آيو هو، ان ڪري هن جي اتان جي رهواسين سان سٺي واقفيت هئي ۽ شهر ٿوري مکيه جاين متعلق تفصيلي ڄاڻ ٿي رکيائين. مسزمارڪس جو دادلو هو. پنهنجي پسند سان منهنجي ڪمري ڪان سامهو وارو ڪمرو پاڻ لاءِ چونڊي ڪنيو هئائين، جنهن ۾ هر وقت اونده انڌوڪار رهندو هو. پر جي ڪٿي ڪڏهن ڪا روشنيءَ ذري ڪٿان ڪنڊ پاسي کان اندر اچي به ويندي هئي ته ان کي ٻاهر تڙي ڪڍڻ لاءِ هر وقت پيو درن ۽ درين تي پردا چاڙهيندو هو. هڪ اڌ دفعو سندس ڪمري ۾ وڃڻ ٿيم ته چا ڏسان ته ميز تي مکڻ، پنير، قسم قسم جا بسڪوٽ، بيئر جون خالي توڙي ڀريل بوتلون، ڪاغذن جا انبار، سندس نقلي ٻٽيهي سميت ٿهليا پيا آهن. سيءُ ڏاڍو ٿيندو هوس، ان ڪري ڪپڙا لٽا ته سڀ پائيندو هو پر بستري کي به پاڻ تي لپيٽي هلڻ جي هر ممڪن ڪوشش ۾ رڌل رهندو هو. سندس تڪيو ڪلام هو "باس." ڳالهه ڳالهه تي "باس" ، باس هيءَ ڳالهه، باس هوءَ ڳالهه. عادت ايتري ته پڪي ٿي وئي هئس جو آئي وئي کي ته باس چوندو ئي هو، پر جڏهن گهر واري هوائي اڏي تي الوداع چوڻ آيس ته ان کي به چيائين: باس، تون فڪر نه ڪر، مان پنهنجو خوب خيال رکندس.

مونيز ڪراچي مان رواني ٿيڻ کان اڳ ئي مونکي چٺي ڇڏيو هو ته : تون زغرب جي ڳڻتي ئي نه ڪر. مان اڳي ئي اتان ٿي آيو آهيان، سڀ واقفيت اٿم، رڳو پهچڻ جي دير آهي. پيوپلين جي ڪم ڪار لاءِ ڇوڪرين جي ڀرتي هلي اتي ڪنداسين ، باقي مکيه ڪم ڪار لاءِ منهنجي هڪ آزمايل ڇوڪري آهي. اندرا نالو اٿس. اها سڀ ڪم پاڻ سنڀالي وٺندي.
اندرا نالو يوگوسلاويا جي حوالي سان مونکي ڏاڍو عجيب لڳو هو، پر مونيز

